روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) سومر12 ڊسمبر 2022ع بمطابق 17 جمادي الاول 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 199

ڊسمبر ۾ ئي اسيمبليون ڇڏڻ جو اعلان، باجوه هنن کي اين آر او ڏنو: عمران خان

مهانگائي سان ڪنهن کي ڪو فرق نٿو پوي، منهنجي واچ پاڻ آهي، اها منهنجي ذاتي گهڙي آهي، مان ان کي وڪرو ڪري سگهان ٿو يا جيڪو چاهيان ڪري سگهان ٿو

اسان چورن جي ٽولي جي اثر هيٺ آهيون، جيڪڏهن پاڪستان جو ڏيوالو نڪري ويو ته انهن کي فرق نه پوندو جن جو پئسو ٻاهر پيو هو، پاڪستان ڊفالٽ ڪندو ته پرڏيهي سيڙپڪاري نه ايندي

ملڪ تي مسلط ٽيل ٻن خاندانن معيشت تباهه ڪئي، مان اسٽيبلشمينٽ سميت هر طبقي کان پڇان ٿو ڇا توهان کي ان ڳالھ تي خدشا ناهي ته پاڪستان ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي؟

اهي اسان کي سليڪٽيڊ سڏيندا هئا، هاڻي ڪنهن کي شڪ نه ڪرڻ گهرجي ته چونڊيل ڪير آهي، ملڪ معاشي تباهي طرف وڃي رهيو آهي، رگو اليڪشن ئي اسان کي هن بحران مان ڪڍي سگهي ٿي

سليمان شهباز به هاڻي ڊرائي ڪلين ٿي ويندو، سيني کي خبر آهي ته جنرل باجوه ڪيس اين آر او 2 ڏنو، مون کي نااهل ڪرڻ لاءِ ڪيس ڳولي رهيا آهيون، ادارن کي ملڪ جو سوچڻ گهرجي

اڃا تائين ڪا تبديلي نظر نه آئي آهي، نئون آرمي چيف آيو آهي، ڪيس وقت ڏيڻ گهرجي، اسان سنڌس باري ۾ وڏيون ڳالهيون ٻڌيون آهن: پاڪستان تحريڪ انصاف جو چيئرمين

لاهور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) چيئرمين عمران خان چيو آهي ته مهانگائي سان ڪنهن کي به فرق نٿو پوي، منهنجي واچ پاڻ آهي، اها منهنجي ذاتي گھ آهي، مان ان کي وڪرو ڪري سگهان ٿو يا جيڪو چاهيان ڪري سگهان ٿو لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي عمران خان چيو ته اسان چورن جي ٽولي جي اثر هيٺ آهيون، جيڪڏهن پاڪستان جو ڏيوالو نڪري ويو ته انهن کي فرق نه پوندو جن جو پئسو ٻاهر پيو هو عمران خان چيو ته پاڪستان ڊفالٽ ڪندو ته پرڏيهي سيڙپڪاري نه ايندي، ملڪ تي مسلط ٽيل ٻن خاندانن معيشت تباهه ڪئي ٻي ٿي آءِ چيئرمين چيو ته مان اسٽيبلشمينٽ سميت هر طبقي کان پڇان ٿو ڇا توهان کي ان ڳالھ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

عمران نيازي کي اقتدار ۾ آڻي ملڪ کي تباهه ڪرڻ جو تجربو ڪيو ويو: خواجا آصف

عمران خان کي هڪ ايجنڊا تحت اقتدار ۾ آندو ويو، نئين نسل کي تباهه ڪرڻ بعد عمران نيازي هاڻي چونڊن جا آواز ڏئي رهيو آهي، عمران خان اوچتو نازل ناهي ٿيو، ڪيس ايجنڊا تحت لانچ ڪيو ويو

پلاننگ ڪنڊڙن طئي ڪري ڇڏيو هو ته ڪيس رياست تي مڙهڻو آهي، ان جا نتيجا سيني جي اڏو آهن، عمران خان هڪ تجربو هو جنهن کي لانچ ڪيو ويو هو، اهو غلط ۽ تباهي وارو تجربو هو

ستن اٺن مهينن کان ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته ملڪ کي ٻيهر پٽڙي تي آندو وڃي، ن ليگ رياست ۽ سياست کي ٻيهر پنهنجن پيرن تي بيهارڻ جو ذمو کنيو آهي

اسان کي ٽن کان ڇئن سالن تائين جيلن ۾ قيد بند جون سختيون برداشت ڪرڻيون پيون، عمران خان چوندو هو ته برطانيا ۾ انصاف آهي، شهباز شريف کي اتي انصاف مليو هو

هنن انصاف جا رستا بند ڪري ڇڏيا آهن، اسان تي زمينون تنگ ڪيون ويون پر اسان جو رب ڏسي رهيو هو، عمران خان خانه ڪعبه واريون گهڙيون ڪپائي ڇڏيون، ڪارڪن چون ته خان صاحب وڏو ايماندار آهي پر هي ته وڏو چور نڪتو

عمران خان چئي ٿو ته مان باجوا کي ملازمت ۾ واڌ ڏئي غلطي ڪئي، عمران خان ئي ته ڪيس تاحيات آرمي چيف بڻائڻ جي آڇ ڪندو رهيو هو

سيالڪوٽ (م د) بجاءِ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته جنرل (ر) باجوا عمران خان جو محسن پر هو احسان فراموش نڪتو ۽ صبح شام پنهنجن محسنن کي گهٽ وڌ ڳالهائي رهيو آهي، سيالڪوٽ ۾ ن ليگ جي ورڪرز ڪنونشن کي خطاب ڪندي خواجا آصف چيو ته عمران خان چئي ٿو ته مان باجوا کي ملازمت ۾ واڌ ڏئي غلطي ڪئي، عمران خان ئي ته ڪيس تاحيات آرمي چيف بڻائڻ جي آڇ ڪندو رهيو هو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سيالڪوٽ: وفاقي وزير خواجا آصف تقريب کي خطاب ڪندي

چوڌري سالڪ جي لنڊن ۾ نواز شريف سان اهم ملاقات

ملاقات ۾ موجوده ملڪي سياسي ۽ معاشي صورتحال تي ڳالهيون ڪيون ويون

ملڪ کي پيش مسئلن مان نڪرڻ لاءِ مستقبل ۾ به گڏ رهڻ جو فيصلو ڪيو ويو

لنڊن (م د) ق ليگ سربراهه چوڌري شجاعت حسين جي پٽ چوڌري سالڪ حسين ن ليگ قائد نواز شريف سان لنڊن ۾ ملاقات ڪئي آهي، لنڊن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڊالر جي قدر وڌڻ سان ڪاغذ جي قيمتن ۾ اضافو ٿيو آهي: فرازالرحمان

هن جديد دور ۾ جتي سمجهيو وڃي پيو ته ڪتابن جو رجحان گهٽ ٿي ويو آهي

اها ڳالھ سچ آهي ته اسان جون قدرون ۽ تهذيب ۾ سڀ کان وڏو ڪردار ڪتابن جو هو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڊالر جي قدر وڌڻ سان ڪاغذ جي قيمتن ۾ اضافو ٿيو آهي ان حوالي سان ڪنهن به پليٽ فارم تان آواز ڪنداسين، هڙئي قسم جا ڪتاب ميلا سال ۾ 3 يا 4 ڀيرا ٿيڻ گهرجن، اهڙو اظهار ڪورنگي ايسوسيئيشن آف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪراچي: وڏو وزير پينٽنگس ۽ مجسمن جي نمائش جو افتتاح ڪندي

بلوچستان ۾ امن ۽ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي: آرمي چيف

آرمي چيف جنرل عاصر منير پنهنجي دوري جي موقعي تي شهيدن جي يادگار تي فاتحه خواني ڪئي ۽ گلن جي چادر چاڙهي: آءِ ايس پي آر

ڪمانڊ اينڊ اسٽاف ڪاليج ڪوئيٽا ۽ اسڪول آف انفنٽري جو دورو ڪيو، ڪوئيٽا پهچڻ تي ڪور ڪمانڊر ڪوئيٽا ليفٽيننٽ جنرل آصف غفور آرمي چيف جو استقبال ڪيو

ڪوئيٽا: آرمي چيف جنرل عاصم منير جوانن ۽ آفيسرن سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي (م د) آرمي چيف چيو آهي ته بلوچستان ۾ امن ۽ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوششون ڪيون وينديون آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف جنرل عاصم منير ڪوئيٽا ۽ تربت جي 2 ڏينهن جي دوري جي موقعي تي جوانن ۽ آفيسرن ڳالهائيندي چيو ته پائيدار امن لاءِ سماجي ۽ اقتصادي ترقي کي يقيني بڻايو ويندو آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

عمران خان اقتدار ۾ واپسي لاءِ اڃا تائين ادارن کي منٿون ڪري رهيو: شيري رحمان

عمران خان اڃا تائين ادارن کي منٿون ڪري رهيو آهي ته سندس حق ۾ مداخلت ڪن، اڃا تائين ان اميد ۾ ويٺو آهي ته ڪيس 2018ع جيان اقتدار ڏنو ويندو

پرويزالاهي چوي ٿو ته مارچ تائين اسيمبليون نه ٽٽنديون، ڪي پي وارا چون ٿا ته پهريان پنجاب اسيمبلي ٽوڙيو، عمران خان اسيمبلي ٽوڙڻ کي سياسي ڌمڪي طور استعمال ڪرڻ چاهي ٿو

سياست ۾ ڳالھ ٻول غيرمشروط هوندي آهي، ڳالهين کان اڳ مطالبا ناهن ڪيا ويندا، جيڪڏهن چونڊ فريم ورڪ تي ڳالهيون ڪرڻ چاهيو ٿا ته هاڪاري پورٽن ونو ۽ اسيمبلي اچو

اسلام آباد (م د) موحولياتي تبديلين بابت وفاقي وزير شيري رحمان چيو آهي ته عمران خان اڃا تائين ادارن کي منٿون ڪري رهيو آهي ته سندس حق ۾ مداخلت ڪن، اڃا تائين ان اميد ۾ ويٺو آهي ته ڪيس 2018ع جيان اقتدار ڏنو ويندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

لاهور: پنجاب جي گورنر محمد بليغ الرحمان سان نائب وارو وفاقي وزير ملاقات ڪندي

لڪي مروت ۾ ايف آئي اي جو ڊپٽي ڊائريڪٽر گوليون هڻي قتل

پشاور (م د) خيبر پختونخوا جي ضلعي لڪي مروت ۾ وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) جي ڊپٽي ڊائريڪٽر کي هٿيارٻندن گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو پوليس سوجب ايف آءِ اي ڊپٽي ڊائريڪٽر انعام مروت تي فائرنگ جو واقعو غزني خيل ٿاڻي جي حد ۾ پيش آيو، هو بنون ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسٽيٽس ڪو جا محافظ پاڪستان تي بار آهن: سراج الحق

ٽن وڏين سياسي پارٽين ملڪ ۾ سياسي، معاشي ۽ سماجي دهشت گردي مڙهي آهي، ملڪ تي مڙهيل سياسي ٽڳن جو وقت ختم ٿيڻ وارو آهي

اسٽيٽس ڪو جي حفاظت ڪندڙن جو جيئڻ مرڻ هتي ناهي، ملڪ جون معاشي پاليسيون آءِ ايم ايف ۽ پرڏيهي حڪمت عملي جي چوڻ تي ڪندا آهن

حقيقي تبديلي تڏهن ايندي جڏهن نوجوان پنهنجي حقن لاءِ اٿندا، جڏهن نوجوان جاگيردارن، وڏيرن، ظالم سرمائيدارن ۽ مافيا مان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪردار ادا ڪندا

لاهور (م د) جماعت اسلامي جي امير سراج الحق چيو آهي ته ٽن وڏين سياسي پارٽين ملڪ ۾ سياسي، معاشي ۽ سماجي دهشت گردي مڙهي آهي، ميڊيا کي جاري بيان ۾ امير جماعت اسلامي چيو آهي ته ملڪ تي مڙهيل سياسي ٽڳن جو وقت ختم ٿيڻ وارو آهي اسٽيٽس ڪو جي حفاظت ڪندڙن جو جيئڻ مرڻ هتي ناهي، هي ملڪ تي بار آهن. هن چيو ته ملڪ جون معاشي پاليسيون آءِ ايم ايف ۽ پرڏيهي حڪمت عملي جي چوڻ تي ڪندا آهن. سراج الحق جو چوڻ آهي ته پي ٽي آءِ نوجوانن کي سڀ کان وڏو دوکو ڏنو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سنڌ ۾ موسمياتي تبديلين ۽ ٻوڏ سبب 20 لک ماڻهو بي گهر ٿيا: وڏو وزير

اسان دنيا کان ازالي جو نه پر انصاف جو مطالبو ٿا ڪيون، سنڌ ۾ موسمياتي تبديلين ۽ ٻوڏ سبب 20 لک ماڻهو بي گهر

وڏي وزير ۽ صوبائي وزير سردار شاهه پاران آرٽس ڪائونسل ڪراچي ۾ پينٽنگس ۽ مجسمن جي نمائش جو افتتاح ڪيو ويو

موهن جو دڙو جي کوٽائي جي سئو سالہ جشن جي موقعي تي ٿيل تقريب کي صوبائي وزير سردار شاهه به خطاب ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته سنڌ ۾ موسمياتي تبديلين ۽ ٻوڏ سبب 20 لک ماڻهو بي گهر، اسان دنيا کان ازالي جو نه پر انصاف جو مطالبو ٿا ڪيون وڏي وزير مراد علي شاهه ڪراچي ۾ پينٽنگس ۽ مجسمن جي نمائش /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف سان پنجاب جو گورنر محمد بليغ الرحمان ملاقات ڪندي

چمن ۾ افغان فورسز جي شهري آبادي تي فائرنگ، ڇهه پاڪستاني شهيد، ڪيترائي زخمي

افغان بارڊر فورسز جي جارحيت تي پاڪستان سرحدي دستن اثرائتو جواب ڏنو پر علائقي ۾ معصوم شهرين کي نشانو بڻائڻ کان پاسو ڪيو: آءِ ايس پي آر

واقعي کانپوءِ پاڪستان ڪابل ۾ افغان اختيارين سان به رابطو ڪيو آهي ۽ مستقبل ۾ اهڙي قسم جا واقعا روڪڻ لاءِ سخت قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو آهي

پاڪ افغان بارڊر باب دوستي هر قسم جي اچ وڃ لاءِ بند ڪيو ويو آهي، ٻه طرفو واپار معطل ڪيو ويو آهي ۽ ڪسٽم هائوس کي خالي ڪيو ويو آهي: ليويز اختيارين

راولپنڊي (م د) افغان بارڊر فورسز جي چمن ۾ شهري آبادي تي وڏن هٿيارن سان بنا سبب اندڌند فائرنگ جي نتيجي ۾ ڇهه پاڪستاني شهري شهيد ۽ 17 زخمي ٿي پيا آهن پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر موجب افغان بارڊر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

گورنر سنڌ پاران اليڪٽرانڪ ميڊيا جي بيورو چيفس جي اعزاز ۾ آجياڻو

ملڪ جي مجموعي سياسي صورتحال، صوبي جي تعمير ۽ ترقي، شهر قائداعظم ۾ صحت ۽ صفائي جي صورتحال، ايڊمنسٽريٽر سان توقعات تي خيالن جي ڏي وٺ

ملاقات ۾ وفاق ۽ سنڌ حڪومتن وچ ۾ لاڳاپن، وفاق جي نمائندي طور گورنر جون ذميواريون، ميڊيا جي ڪردار ۽ ٻين معاملن تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ميڊيا جي اهميت کان ڪوبہ انڪار نٿو ڪري سگهي، چوٿين سماج جي اکين ۽ ڪنن جي حيثيت رکي ٿي، ميڊيا مسئلن جي نشاندهي ڪري انهن کي درست ڪرڻ طرف ڌيان ڏياري ٿي: ڪامران ٽيسوري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري چيو آهي ته ميڊيا جي اهميت کان ڪو به انڪار نٿو ڪري سگهي، چوٿين سماج جي اکين ۽ ڪنن جي حيثيت رکي ٿي، ميڊيا مسئلن جي نشاندهي ڪري انهن کي درست ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

عمران خان ن ليگ خلاف ملڪي پئسو پاڻي وانگر وهايو پر پوءِ به هارائي ويو: سلمان شهباز

لاهور (م د) وزيراعظم شهباز شريف جي پٽ سلمان شهباز چيو آهي ته عمران خان مون کي ۽ منهنجي ڪٽنب کي نشانو بڻايو. سماجي رابطن واري ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي عمران خان جي بيان تي ردعمل ڏيندي سلمان شهباز چيو ته عمران خان ن ليگ کي به نشانو بڻايو هن ملڪ جو پئسو پاڻي جيان وهايو ۽ پر سمورا ڪيس هارائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري طرفان اليڪٽرونڪ ميڊيا جي بيورو چيفس جي اعزاز ۾ گورنر هائوس ۾ ڊنر دعوت جي موقعي تي بيورو چيفس سان ڳالھ ٻولھ ڪندي

ڪراچي ۾ پاڻ کي سي ٽي ڊي اهلڪار سڏائي شهرين کي اغوا ڪندڙ 4 جوابدار گرفتار

گرفتار جوابدارن ۾ عورت شنو، سجاد خان، محمد ارباز ۽ سلمان شامل آهن، عورت شنو ماڻهن سان فون تي ڳالهائي دوستي ڪرڻ بعد ويران هنڌ تي گهرائيندي هئي

سائي شهرين کي اغوا ڪري رقم وصول ڪندا هئا، عورت شنو جي گهرائڻ تي هڪ شهري شمائل اتي پهتو ته عورت جي سائين پهچي ڪيس اغوا ڪيو: سي ٽي ڊي ترجمان

جوابدارن پاڻ کي سي ٽي ڊي جا اهلڪار سڏائي شهري کي بليڪ ڪري 2 لک وصول ڪيا، جوابدار بقايا 7 لک رپيا وٺڻ لاءِ پهتا ته ڪين گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ڪراچي ۾ پاڻ کي سي ٽي ڊي اهلڪار سڏائي شهرين کي اغوا ڪرڻ بعد پنگ ونڌڙ 4 جوابدار گرفتار ٿي ويا آهن سي ٽي ڊي انچارج موجب گرفتار جوابدارن ۾ عورت شنو، سجاد خان، محمد ارباز ۽ سلمان شامل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

بلاول جو دورو پاڪستانين لاءِ ترقي جا رستا کوليندو: شازيہ مري

جلد پاڪستان جي مردن ۽ عورتن کي فيس بڪ ۽ انسٽاگرام ذريعي نوڪريون ملنديون، فيس بڪ تي پنهنجون وڊيوز شيئر ڪري سرمايو ڪمائي سگهندا

پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جي محنت ۽ ڪارڪردگيءَ جو ثمر عوام کي ملڻ شروع ٿي ويندو، بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي ڏاڏي شهيد جي فلسفي تي عمل ڪري رهيو آهي

پاڪستان جو عوام فيس بڪ تي محنت ڪندو، ملڪ کي ان جو ثمر به ملندو، پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جو دورو پاڪستانين لاءِ ترقي جا رستا کوليندو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) غربت جي خاتمي ۽ سماجي تحفظ واري وفاقي وزير شازيہ مري چيو آهي ته پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جو دورو پاڪستانين لاءِ ترقي جا رستا کوليندو، جلد پاڪستان جي مردن ۽ عورتن کي فيس بڪ ۽ انسٽاگرام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: سينيٽر تاج حيدر ۽ فرحت الله بابر ميڊيا سان ڳالهائيندي

سنڌي ٻولي لاءِ اهم قدم، ڪينيڊين پارلياماني ميمبر جو ساراهه جوڳو فيصلو

اوٽاوا (م د) ڪينيڊا جي پارلياماني ميمبر جيريمي پيٽرز هائوس آف ڪامنز ۾ خطاب ڪندي چيو ته اڄ مان ايوان ۾ سنڌي ٻولي جي سڃاڻپ ڪرائڻ لاءِ اٿي بيٺو آهيان. هن چيو ته ننڍو ئي صحيح پر ڪينيڊا سنڌي ٻولي کي ٻاهرين ملڪ ۾ محفوظ ڪرڻ لاءِ اهم قدم کڻي سگهي ٿو ڪينيڊين پارليامينٽ جي ميمبر چيو ته اهڙي فيصلي سان ڪينيڊا ۽ سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

سرڪاري اسڪولن ۾ قائم لائبريرين کي ٻيهر فعال ڪنداسين: غلام اڪبر لغاري

شاگردن کي اسان نصابي سرگرمين کانسواءِ ڪتاب پڙهڻ جو پڻ موقعو فراهم ڪنداسين

مان ڪتاب ميلي ۾ هر سال ايندو آهيان ۽ هن ڀيري به ڪتاب خريد ڪرڻ لاءِ آيو آهيان

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سرڪاري اسڪولن ۾ قائم لائبريرين کي ٻيهر فعال ڪنداسين ۽ نون سرڪاري اسڪولن جي عمارت ۾ هال جوڙائي رهيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ڪراچي جي 3 ضلعن ۽ حيدرآباد جا ايڊمنسٽريٽر نامزد

ڪراچي سينٽرل ضلعي لاءِ فرقان عتاب ۽ اوڀر ضلعي لاءِ شڪيل احمد جا نالا فائنل ڪيا ويا

ايم ڪيو ايم ڪورنگي ضلعي لاءِ محمد شريف ۽ حيدرآباد لاءِ فاروق خان کي حتمي شڪل ڏني

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) پاڪستان ڪراچي ۽ حيدرآباد جي 3 ضلعن جي ايڊمنسٽريٽرن جا نالا فائنل ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي ۾ مڙس پنهنجي زال کي ٽين ماڙ تان ڌڪو ڏئي ڇڏيو

پوليس جوابدار عادل کي قتل جي الزام ۾ گرفتار ڪري ورتو آهي

مقتولا مريم پنهنجي مڙس عادل کان ناراض ٿي پيڪي وئي هئي: پوليس

ڪراچي (م د) ڪراچي ۾ سول اسپتال ويجهو مڙس پنهنجي زال کي ٽين ماڙ تان مبينا طور ڌڪو ڏئي قتل ڪري ڇڏيو پوليس موجب مقتولا جي سڃاڻپ 19 سالن جي مريم جي نالي سان ٿي آهي. ميڊيا رپورٽ موجب پوليس جوابدار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

لاهور: وفاقي وزير راڻا ثناءالله سان ضلعي صدر يوٿ ونگ عرفان الحسن ڀٽو ملاقات ڪندي

ملڪ ۾ نون صوبن يا انتظامي يونٽ ٺاهڻ جي ضرورت آهي: شاهد خاقان عباسي

ملڪ ۾ وڌندڙ آباديءَ سبب موجوده نظام ٽوڙي لوڪل گورنمينٽ وارا معاملا ناڪام ٿي ويا آهن، ملڪ کي وڏي ۾ وڏو نقصان نيب جي ڪري ٿيو آهي

فيصلا ڪندڙ ادارا ٽوڙي ڪابينا به خوف سبب فيصلا نه ٿا ڪن، ڪمزور جمهوري حڪومت آزاد صحافت تي اثرانداز ٿيندي آهي: اڳوڻو وزيراعظم

ملڪ ۾ گهڻو عرصو فوج سڌي يا اڻ سڌي طرح سياست ۾ مداخلت ڪندي رهي آهي، ملڪ جي معيشت کي خراب ٿيڻ ۾ هڪ ڏينهن نه پر ڊگهو عرصو لڳندو آهي

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي چيو آهي ته ملڪ ۾ نون صوبن يا انتظامي يونٽ ٺاهڻ جي ضرورت آهي. ملڪ ۾ وڌندڙ آباديءَ سبب موجوده نظام ٽوڙي لوڪل گورنمينٽ وارا معاملا ناڪام ٿي ويا آهن. ملڪ کي وڏي ۾ وڏو نقصان نيب جي ڪري ٿيو آهي. فيصلا ڪندڙ ادارا ٽوڙي ڪابينا به خوف سبب فيصلا نه ٿا ڪن، ڪمزور جمهوري حڪومت آزاد صحافت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ حادثا: 3 ڀائرن سميت 7 ڄڻا فوت، 25 کان وڌيڪ زخمي

ٽن ڀائرن سميت 7 ڄڻا فوت ٿي ويا ۽ 29 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا آهن، گهوٽڪي ۾ ڀائرن جي وين ٽرالر سان ٽڪرائجي وئي

عورتن ۽ ٻارڙن سميت 23 ڄڻا زخمي ٿي پيا، دڪڻ جي مدئجي ناڪي وٽ نوجوان عاطف لولائي ٽريڪٽر تان ڪري ڄيپاڄجي فوت ٿي ويو

ڪنڌڪوٽ ۾ وين ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر سبب هڪ ڄڻو فوت ۽ 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا، ڪنب پرسان علي بحر واهه پل وٽ ڪار ڪلٽي ٿي پئي

گهوٽڪي (عبدالفتاح چنڙ) سنڌ جي مختلف شهرن ۾ روڊ حادثن ۾ نينگر ۽ ٽن ڀائرن سميت 7 ڄڻا فوت ٿي ويا ۽ 29 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا آهن گهوٽڪي ۾ ڀائرن جي وين ٽرالر سان ٽڪرائجي وئي، حادثي ۾ صور اوڏ، عديل ۽ بلي خاتون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

فواد چوڌري پي ٽي ايم کي اسيمبليون ٽوڙڻ جي تاريخ ٻڌائي ڇڏي

امپورٽ ٿيل حڪومتي اهلڪار چوندون نٿا چاهين پر کين خبر ناهي ته ملڪ ڪيئن هلائڻو آهي، نه پاڪستان کي سياسي استحڪام جي ضرورت آهي

اهو مستحڪم حڪومت کانسواءِ ممڪن ناهي، جيڪڏهن پي ٽي ايم 20 ڊسمبر تائين عام چونڊن جو فارمولو نه آندو ته پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه اسيمبليون ٽوڙي ڇڏينديون

پنجاب، خيبرپختونخواهه ۾ عام چونڊن جو عمل 20 مارچ کان اڳ مڪمل ڪيو ويندو، سمورن اتحادين کي اسيمبليون ٽوڙڻ تي مڪمل اعتماد آهي: پي ٽي آءِ اڳواڻ

لاهور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي مرڪزي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري اليڪشن جي تاريخ جو اعلان نه ڪرڻ جي صورت ۾ حڪمران اتحاد کي پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه اسيمبليون ٽوڙڻ جي تاريخ ٻڌائي ڇڏي آهي، سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ فواد چوڌري چيو ته امپورٽ ٿيل حڪومتي اهلڪار چوندون نٿا چاهين پر کين خبر ناهي ته ملڪ ڪيئن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

250 ملين رپيا ٻوڏ متاثر پوليو ورڪرز ۾ ورهايا ويندا: عبدالقادر پٽيل

ڪومت پوليو ورڪرز جي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو، جن تباهي واري ٻوڏ ۾ جاني نقصان جي باوجود ٻوڏ متاثرن جي مدد جاري رکي

ٻوڏ ۾ يا جزوي طور تي نقصان، مان توهان جي همت ۽ جذبي کي سلام پيش ڪريان ٿو، نقصان جي باوجود توهان ٻوڏ رليف آپريشن ۾ شهرين ۽ حڪومت جو ساٿ ڏنو

پاڪستان پوليو پروگرام پاران نقصان جو تفصيلي جائزو ورتو ويو، گذريل اونهاري ۾ پوليو ورڪرز کي نقصان ٿيو جڏهن ٻوڏ سبب 33 ملين ماڻهو ۽ ملڪ جو ٽيون حصو پاڻي بيٺو هو

اسلام آباد (م د) صحت واري وفاقي وزير عبدالقادر پٽيل چيو آهي ته ڪومت پوليو ورڪرز جي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو، جن تباهي واري ٻوڏ ۾ جاني نقصان جي باوجود ٻوڏ متاثرن جي مدد جاري رکي، انهن پوليو ورڪرز جا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اسلام آباد: صحت وارو وفاقي وزير عبدالقادر پٽيل پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪراچي يونيورسٽي ۾ صبح جي شفٽ جي داخلا لاءِ ٽيسٽ شروع

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي يونيورسٽي ۾ صبح جي شفٽ جي داخلا لاءِ انٽري ٽيسٽ شروع /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

عورت ڊينٽيسٽ کي 40 مردن جو هجوم گهران گهلي اغوا ڪري ويو

نئين دهلي (م د) ڀارت جي ڏکڻ رياست تلنگانا ۾ 40 مردن تي ٻڌل هڪ هجوم هڪ 24 سالن جي عورت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

سعودي سون مارڪيٽ ۾ سون جا اگهه روز سستا ٿيڻ لڳا

اڄ 24 قيراط هڪ گرام سون جو اگهه 216.66 ريال تي پهتو

22 قيراط هڪ گرام سون 198.60 ريال ۾ دستياب رهيو: ذريعا

رياض (م د) سعودي گولڊ مارڪيٽ ۾ سون جي اگهه ۾ لاڳيتو ٻئي ڏينهن به لاٿ جاري آهي، اڄ 24 قيراط هڪ گرام سون جو اگهه 216.66 ريال تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي سميت سنڌ جي مختلف شهرن جي موسم سڌي رهندي: موسميات کاتو

ٽن ڏينهن تائين ڏينهن جي وقت ۾ موسم خشڪ جڏهن ته رات جو ٿڌ جي شدت ۾ واڌارو ايندو

سامونڊي هوائن بند ٿي وينديون جڏهن ته بلوچستان ۽ اترين علائقن کان هوائن جو سلسلو شروع ٿيندو

ڪراچي (م د) موسميات کاتي سنڌ جي راڄڌاني واري شهر جي ايندڙ ٽن ڏينهن جي موسم بابت اڳڪٿي ڪري ڇڏي آهي جنهن موجب ٽن ڏينهن تائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

چمن ۾ افغان فورسز جي شهري آبادي تي فائرنگ، 6 پاڪستاني شهيد، ڪيترائي زخمي

افغان بارڊر فورسز جي جارحيت تي پاڪستان سرحدي دستن اثرائتو جواب ڏنو پر شهرين کي نشانو بڻائڻ کان پاسو ڪيو: آءِ ايس پي آر

واقعي کانپوءِ پاڪستان ڪابل ۾ افغان اختيارين سان به رابطو ڪيو آهي ۽ مستقبل ۾ اهڙي قسم جا واقعا روڪڻ لاءِ سخت قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو آهي

پاڪ افغان بارڊر باب دوستي هر قسم جي اچ وڃ لاءِ بند ڪيو ويو آهي، ٻه طرفو واپار معطل ڪيو ويو آهي ۽ ڪسٽم هائوس کي خالي ڪيو ويو

راولپنڊي (م د) افغان بارڊر فورسز جي چمن ۾ شهري آبادي تي وڏن هٿيارن سان بنا سبب اندڌند فائرنگ جي نتيجي ۾ ڇهه پاڪستاني شهري شهيد ۽ 17 زخمي ٿي پيا آهن. پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر موجب افغان بارڊر فورسز جي جارحيت تي پاڪستان سرحدي دستن اثرائتو جواب ڏنو پر علائقي ۾ معصوم شهرين کي نشانو بڻائڻ کان پاسو ڪيو آءِ ايس پي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اوٻاوڙو ۾ ٻاٿروڏيرن 100 کان مٿي ماڻهن جو ڪمبوهه برادري جي 16 ايڪڙ زمين تي قبضو ڪري ورتو

ڪمبوهه برادري تي حملو ڪري گهرن ۾ داخل ٿي فائرنگ ڪرڻ بعد گهرن جي پنج ڊاهه ۽ ڪهاڙين سان حملو ڪيو

وڏيرن تنويز ڪمبوهه فداحسين ڪمبوهه سليمان-ڪمبوهه ۽ ٻين کي سخت زخمي ڪري وڌو

اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ اسان جي قبضي ٿيل زمين مان قبضو ختم ڪرائي زمين اسان جي حوالي ڪئي وڃي

اوٻاوڙو(رپورٽ: غلام علي رند) اوٻاوڙو لڳ جهنگل ملڪ جي ڳوٺ جمن پتو ۾ ٻاٿر وڏيرو حاجن پتو امير بخش پٽوپرڪٽ پٽو ۽ ٻين 100 کان مٿي ماڻهن جو ڪمبوهه برادري جي 16 ايڪڙ زمين تي قبضو ڪري ورتو آهي ڪمبوهه برادري تي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

اوٻاوڙو: ٻاٿروڏيرن پاران زمين تي قبضو ڪرڻ خلاف ڪمبوهه برادري پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڊپٽي ڪمشنر گھوٽڪي
جو ايڊيشنل ڊائريڪٽر
زراعت کي خط

گھوٽڪي (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر گھوٽڪي جو ايڊيشنل ڊائريڪٽر زراعت کي خط. ضلعي جي ڊيلرن کي ملنڊڙ يوريا جي ڪوٽا بابت انگ اکر پبلڪ ڪرڻ جي هدايت. لاڳاپيل اسسٽنٽ ڪمشنرن کي پڻ آگاهه ڪيو وڃي. تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر گھوٽڪي محمد عثمان عبد ايڊيشنل ڊائريڪٽر زراعت ڏانهن هڪ خط اماڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

خيرپورناٿن شاهه: تعلقه بار ايسوسيئيشن جي چونڊ 2023 ٿي گذري، صدر مختيار ڪوکر چونڊيو ويو

اليڪشن ۾ صدارتي سيٽ تي ايڊووڪيٽ شعبان علي ملاح ۽ ڪي ڪي ڏيرو ۾ مقابلو ٿيو

ووٽ 42 هئا جنهن مان صدارتي بيٺل اميدوار شعبان ملاح 17 ووٽ حاصل ڪيا ۽ ڪي ڪي ڏيرو 25 ووٽ کڻي ڪاميابي ماڻي

خيرپورناٿن شاهه (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) خيرپورناٿن شاهه ۾ تعلقه بار ايسوسيئيشن جي چونڊ 2023 ٿي گذري جنهن ۾ صدارتي سيٽ تي ڪي ڪي ڏيرو ۽ جنرل سيڪريٽري جي سيٽ تي مختيار ڪوکر سوڀارو ٿيا تفصيل موجب خيرپورناٿن شاهه ۾ تعلقه بار ايسوسيئيشن جي آفيس ۾ سال 2023 جي ساليانو اليڪشن ٿي گذري اليڪشن ۾ صدارتي سيٽ تي ايڊووڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دادو ۾ استادن جو پڳهارون نه ملڻ ۽ مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو

استادن محمد رمضان ٻبر، ضمير احمد لغاري، جاويد احمد روڏناٿي ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

هتان جا آفيسر اسان جو جوائننگ ڊيٽا بيس اڃان تائين صحيح ڪري سيڪريٽري آفيس ناهي موڪليو

اسان جو ڊيٽا بيس مٿي موو ڪرائي پروسيس کي مڪمل ڪري پڳهارون جاري ڪيون وڃن نه ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) ضلع دادو جي IBA 2021_22 جي استادن پڳهارن جو پروسيس شروع نه ٿيڻ ۽ پڳهارون نه ملڻ خلاف سخت احتجاج ۽ نعري بازي سون جي تعداد ۾ جين تعلقن دادو جوهي ميهڙ ۽ خيرپورناٿن شاهه جي PST &JEST استادن جنهن ۾ محمد رمضان ٻبر، ضمير احمد لغاري، جاويد احمد روڏناٿي سجاد جمالي، حبيب الرحمان ۽ ٻين دانهبوت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

قاضي احمد ونيڪ مرد رانا بابوسرفراز
راجپوت پاران قرآن خواني ۽ نعت
خواني ڪرائي وئي

دادو: استادن پڳهارن نه ملڻ ۽ مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سرحد ۾ گندگي جي آزار جو ڪنهن به نوٽيس نه ورتو، شهرين پاران احتجاج جو اعلان

سمورن علائقن ۾ گندي پاڻي جي نيڪال واري نالين جي ڇهن مهينن کان ڪاٽي نه ٿيڻ سبب نالين پرچي ويون آهن

جنهن سبب نالين جو گندو پاڻي گهرن ۾ داخل ٿيڻ روز جو معمول بڻجي ويو آهي، صفائي جي عملو به من ماني ڪرڻ ۾ مصروف آهي

سماجي ڌرين پاران ڊي سي گهوٽڪي ۽ ٻين وس وارن کان نوٽيس وٺي سرحد ۾ صفائي سترائي ڪرائڻ جي اپيل

سرحد(رپورٽ: غلام عباس مهر) سرحد ۾ گندگي جي آزار جو ڪنهن به نوٽيس نه ورتو شهرين پاران احتجاج جو اعلان، خبرموجب سرحد جي مقامي انتظاميا جي نااهلي سبب سرحد شهر گندگي جي لپيٽ ۾ آيل شهر جي مين بازار، ملڪ محلي، پنهوار محلي، منگي محلي، لوٽي شاهه روڊ ۽ ٻين علائقن ۾ گندگي جو آزار به مسلسل جاري آهي جڏهن ته شهر جي سمورن علائقن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سيپڪو گھوٽڪي جون ناجائزيون ۾ هفتن کان سڙيل ٽرانسفارمر تبديل نه ٿيو

ايس ڊي او گھوٽڪي جا ٺلها آسرا ڪاروباري ماڻهو پريشاني جو شڪار شهرين جو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو

اسٽيشن روڊ جو ٽرانسفارمر گذريل ٻن هفتن کان خراب آهي ۽ پوري پاڙي جي بجلي بند آهي جنهن ڪري زندگيءَ متاثر آهي

ٻن ڏينهن اندر شهر جو ٽرانسفارمر نهرائي ڏنو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاجي مظاهري جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

سرحد (رپورٽ: غلام عباس مهر) سرحد شهر سان سيپڪو گھوٽڪي جون ناجائزيون بند نه ٿي سگهيو اسٽيشن روڊ جو ٻن هفتن کان سڙيل ٽرانسفارمر تبديل نه ٿيو پورو پاڙو اوندهائي ۾ گم شهرين جو سيپڪو گھوٽڪي خلاف احتجاجي مظاهرو ناري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

دولتپور پرسان ذيشان
پبلڪ هاءِ اسڪول
۾ ثقافتي تقريب

دولتپور صفن(رپورٽر) دولتپور پرسان چندا سنگهه ۾ ذيشان پبلڪ هاءِ اسڪول ۾ سنڌي ميڊيا جي سڏ تي اسڪول جي پرنسپال سيد اظهر علي شاهه اڳوڻي پرنسپال سيد وارث علي شاهه سيد غلام سرور شاهه استاد اصغر علي ٻگهيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ رنگارنگي ثقافتي ڏهاڙو ملهايو ويو جنهن ۾ مهمان خاص هيڊ ماسترغلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سرحد: سيپڪو گھوٽڪي جي ناجائزين خلاف شهرين جو احتجاج

خانپورمهر گھوٽڪي ضلعي جي آبپاشي کاتي جي سرعام نااهلي، خانڳڙهه تعلقي جي واهن پاڻي جي هڙتال ڪوٽ

آبادگارن پاڻي جر مان بور ڪرائي ڇڏيو جنهن ڊيزل ۽ پيٽرول مهانگائي اگهه خريد ڪري پنهنجي ٻنين کي پاڻي ڏيڻ تي مجبور

فصلن ۾ پاڻي نه پهچڻ ڪري ڪڻڪ فصل پوکائي نه ٿي سگهي آهي. اسان جون زمينون بنجر بڻيل آهن: آبادگار

فوري طور تي نوٽيس وٺي واهن ۾ پاڻي ڇوڙ ڪيو وڃي ته جيئن آبادگارن ۽ هارين کي معاشي ڪنگال کان بچايو وڃي

خانپورمهر(رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر گھوٽڪي ضلعي جي آبپاشي کاتي جي سرعام نااهلي. خانڳڙهه تعلقي جي واهن پاڻي جي هڙتاڙو ڪوٽ. ڪڻڪ جي فصل جي پوکائي سخت متاثر آبادگار ۽ هارين ڪنگال. واهن اڃا تائين نه ڇڏڻ ڪري سوين ايڪڙن تي مشتمل زمين بنجر بڻيل. تفصيل موجب گھوٽڪي ضلعي ۾ آبپاشي کاتي جي سرعام نااهلي سبب خانڳڙهه سب ڊويزن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪراچي پاڪستان خاصخيلي اتحاد ملير جي اڳواڻن پاران وڌندڙ بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪراچي ۾ سڪڻ ندي تي بدامني جا واقعيه روز جو معمول بڻيل ڦرمزاحمت تي ڪيترائي نوجوان مارجي ويا

نمائندا ملير کي بربادي کان سواءِ ڪجهه به ناهي ڏنو تعليم ترقياتي ڪمن صحت جهڙن بنيادي سهولتن کان محروم آهي

چورين ۽ ڦرن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي اگر اسان جا بنيادي مسئلا حل نه ٿيا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو: مطالبو

ڪراچي (رپورٽر) ڳڏاپ جي علائقي سڪڻ ندي تي بدامني رهزني جا واقعيه روز جو معمول بڻيل ڦر مزاحمت تي ڪيترائي نوجوان مارجي ويا ۽ ڪيترائي زخمي پر انتظاميه جي ڪنن تي جوءِ به چري، انتظاميه کان مطالبو ٿا ڪريون سڪڻ ندي تي پوليس چوڪي قائم ڪري عوام کي جاني ۽ مالي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، يعقوب خاصخيلي تفصيل موجب، پاڪستان خاصخيلي اتحاد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪراچي پاڪستان خاصخيلي اتحاد ملير جي اڳواڻن پاران وڌندڙ بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو

قاضي احمد ۾ مرحوم سيد مقبول
احمد شاهه جو چاليهو، وڏي فرزند
کي پڳ پڌرائي وئي

قاضي احمد(رپورٽر) قاضي احمد جي معزز شخصيت پراڻو سياستدان مرحوم سيد مقبول احمد شاهه جي چاليهي جي تقريب ۾ پڳ جي رسم ادا ڪئي وئي جنهن مرحوم سيد مقبول احمد شاهه جي وڏي فرزند سيد اعجاز علي شاهه کي پڳ پڌرائي وئي هن پروگرام سنڌ جي مختلف علائقن کان آيل سردارن سياسي سماجي اديبن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نئون ديرو: پ پ لاڙڪاڻي جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو اجلاس ٿي گذريو

اجلاس ۾ خورشيد احمد جوڻيجو، اعجاز احمد لغاري، نثار محمد مراد ڀٽو ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي

شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو عوام خاطر شهادت ماڻي، اڄ سندس شهادت کي 15 سال گذري چڪا آهن: اڳواڻ

پر ايئن پيو محسوس ٿئي ته جيئن ظالمن اسان جي قائد شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي اڄ شهيد ڪيو آهي

نئون ديرو(رپورٽ: شاد محمود ڀٽو) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي لاڙڪاڻي جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو اجلاس ضلعي صدر، ايم اين اي محترم خورشيد احمد جوڻيجو جي صدارت هيٺ ڀٽو هائوس نئون ديرو ۾ ٿي گذريو اجلاس ۾ 27 ڊسمبر شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي 15 هين ورسي نهايت عقيدت ۽ احترام سان ملهائڻ ۽ ماڻهن جي ڀرپور شرڪت کي يقيني بڻائڻ جو عزم ڪيو ويو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

خيرپورناٿن شاهه ۾ ڳوٺ ٻنو واسي ملاح برادري پاران ٻورڙي پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺاڻن محمد حسين ملاح، انور ملاح، خادم ملاح، علي مرتضيٰ ملاح ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

مونمار ڌمڪيون ڏيندڙ رياجي پوليس اهلڪار عبدالرسول سولنگي خلاف قانوني قدم کڻي اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) خيرپورناٿن شاهه ۾ ڳوٺ ٻنو واسي ملاح برادري پاران ٻورڙي پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو، ڳوٺاڻن محمد حسين ملاح، انور ملاح، خادم ملاح، علي مرتضيٰ ملاح، شاهن ملاح ٻين جي اڳواڻي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

دادو: 11 مهينا اڳ عورت امينا آرائين کي زهر ڏئي قتل ڪرڻ واري ڪيس ۾ اڳيرائي

پوليس ڳجهي اطلاع تي ڇاپو هڻي مقتول عورت جي سئوٽ جوابدار عرس آرائين کي گرفتار ڪري ورتو

جوابدار عرس تي قتل ڪيس داخل ڪرايو هو گرفتار جوابدار کي دادو جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو

دادو(ن سنڌيار) دادو جي چانڊو شاهه آباد ۾ 11 مهينا اڳ عورت امينا آرائين کي زهر ڏئي قتل ڪرڻ واري ڪيس ۾ اڳيرائي پوليس هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو ڪڙ ٿاڻي جي پوليس ڳجهي اطلاع تي ڇاپو هڻي مقتول عورت جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

دادو: عورت امينا آرائين کي زهر ڏئي قتل ڪرڻ وارو جوابدار گرفتار

سرحد پريس ڪلب جي جنرل باڊي جو اجلاس ٿي گذريو

اجلاس جي صدارت صدر حاڪم خان ابڙو ڪئي، باڊي جو مدو پورو ٿيڻ تي باڊي ختم ڪئي وئي

نئين اليڪشن لاءِ 3 رڪني ڪاميٽي تشڪيل ڏني وئي، سينئر صحافي تاج محمد ناٿوري کي مقرر

سرحد (رپورٽ: غلام عباس مهر) سرحد پريس ڪلب سرحد جي جنرل باڊي جو اجلاس، صدر حاڪم خان ابڙو جي صدارت ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ سال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪراچي: يوسي چار لاسي ڳوٺ سميت ٻيا ڳوٺ گئس جي سهولت کان محروم

8 مهينن کان مسلسل گئس نه هئڻ خلاف لاسي ڳوٺ جي رهواسين جو گئس ڪمپني جي خلاف احتجاج

رهواسين عبدالستار برفت، ممتاز تنيو، مصباح الدين، نعمان جدون ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

[illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

دادو لڳ چانڊو شاهه آباد واري علائقي جي رهواسي رٽائرڊ استاد جو احتجاج

دل جي مرض ۾ مبتلا رٽائرڊ استاد خميسو خان ولد گل محمد لنڊ صحافين اڳيان احتجاج ڪيو

پوليس اهلڪار عبدالحڪيم ولد محمد هاشم جيڪو اسان سان مسلسل ناجائزيون ڪري رهيو آهي: استاد

[illegible] لشڪر جي صورت ۾ گهر ويلي منهنجي ڏيء سان وڙهيا آهن ان کي نازيبا لفظ ڳالهايا آهن ۽ جڏهن ماڻ ۽ منهنجو پٽ پنهنجي نياڻي سان ملڻ ويندا آهيون ته هي اسان سان گهٽ وڌ ڳالهائيندو آهي ۽ اسان کي موت مار ڌمڪيون ڏيندو آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

کهوکهرپار ۾ ٽئي ڏينهن به ملاکڙو جو فائينل ٿيو

ملاکڙي ۾ کٽيل ملهه پهلوانن کي انعام ڏنا ويا

عرفان سلام ميرواڻي، ميمن ڳوٺ اعجاز علي هاليپوٽو ۽ ٻين وڏي جي تعداد ۾ شرڪت

ڪراچي (رپورٽر) کهوکهرپار ۾ اڄ ٽئي ڏينهن به ملاکڙو جو فائينل ٿيو جنهن ۾ کٽيل مل پهلوانن کي انعام ڏنا ويا ملاکڙي ۾ مهمان خاص ايم اين اي حڪيم بلوچ ڊي سي ملير عرفان سلام ميرواڻي اي سي ميمن ڳوٺ اعجاز علي هاليپوٽو ساجد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

خيرپور ناٿن شاهه ايڪشن ڪميٽي اڳواڻن طرفان ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ احتجاج

اڳواڻن شاهد حميد پنهور، مجيب الرحمن پنهور، ميرخان ٻبر محلا ۽ ٻين اڳواڻن احتجاجي مظاهرو ڪيو

هزارين ٻوڏ سبب پورو ضلعو متاثر ٿيو آهي ڪي اين شاهه جي ميرخان ٻبر محلا سميت پورو شهر ۽ تعلقو لاوارث لڳو پيو آهي

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه ۾ دادو سوشل فورم جي اڳواڻن شاهد حميد پنهور، مجيب الرحمن پنهور، ميرخان ٻبر محلا ايڪشن ڪميٽي اڳواڻن سلطان احمد پنهور، اظهر گاڏهي، پورهيت مزاحمت اڳواڻ اسد نظام چانڊيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

خيرپور ناٿن شاهه: ايڪشن ڪميٽي اڳواڻ ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ احتجاج ڪندي

گمبٽ حديا ٽرسٽ جي تعاون سان ڳوٺ غلام جعفر جامڙو ۾ ڪڻڪ جو ٻج ورهايو ويو

هر ماڻهو کي هڪ هڪ ٻج جو ڪٽو ڏنو ويو جنهن ۾ جامڙا برادري چانڊيا برادري ۽ ٻين برادرين شامل

اسين سيئي ڳوٺ وارا دعاگو آهيون ته مولا جمن صاحب کي وڏي ڄمار ڏي: ڳوٺاڻا

گمبٽ (رپورٽ: عبدالحي شيخ) گمبٽ لڳ ڳوٺ غلام جعفر جامڙو ۾ سابق وفاقي سيڪريٽري محمد جمن جامڙو جي ڪاوشن ۽ حديا ٽرسٽ جي تعاون سان ڳوٺ غلام جعفرجامڙو ۾ اڄ پنج سئو ڪڻڪ جي ٻج جا ڪٽا هارين ۾ ورهايا ويا هرهڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ضلع بار ڪائونسل نوشهروفيروز جي سالياني چونڊن ۾ سخت مقابلو

ايڊووڪيٽ محمد اياز مري 336 ووٽ کڻي صدر چونڊجي ويو

سندس مخالف اميدوار ابرار علي چانڊيو صرف 93 ووٽ کڻي سگهيو

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ضلع بار ڪائونسل نوشهروفيروز جي سالياني چونڊن ۾ سخت مقابلي بعد فرينڊز لاڪيرز پينل جا اميدوار اڪثريت سان ڪامياب يونائيٽڊ پينل جنرل سيڪريٽري جي سيٽ کڻي وڌو سرپرائيز ڏيڻ ۾ ڪامياب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهروفيروز جي صدر ايم ظفر تگڙ جو وڏو ڀاءُ حاجي غلام علي تگڙ جو لاڏاڻو ڪري ويو

مرحوم جي جنازي نماز ڳوٺ جان محمد تگڙ ۾ جي يو آءِ اڳواڻ مولانا عبدالرحمان ڏنگراج پڙهائي

جنازنماز ۾ صحافين سياسي سماجي اڳواڻن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) سنڌ صحافي اتحاد جي مرڪزي ڪاميٽي جي ميمبر ۽ نيشنل پريس ڪلب نوشهرو فيروز جي صدر ايم ظفر تگڙ جو وڏو ڀاءُ حاجي غلام علي تگڙ جو لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي جنازي نماز ڳوٺ جان محمد تگڙ ۾ جمعيت علماءِ اسلام جي ضلعي امير مولانا عبدالرحمان ڏنگراج پڙهائي جنهن ۾ صحافين سياسي سماجي اڳواڻن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ٻئي پاسي سنڌ صحافي اتحاد جي سرواڻ نعمت کهڙو ضلع آرگنائيزر يونس راڄپر، امجد ميمڻ، ساگريوسف منگي، شاهد چنڙ، خادم سيال، خادم حسين مري، مهروسطڙو، منظورملڪ، ماجد تگڙ افضل منگي، پناهه ڀوهيو ارشاد عباسي، علي نواز ناز سولنگي، ۽ ٻين صحافين ايم ظفر تگڙ ۽ پونئيرن سان تعزيت جو اظهار ڪيو آهي.

***

نوشهروفيروز: مٺياڻي واسي جو پياءَ خلاف پريس ڪلب پهچي احتجاج

ٽي سال اڳ منهنجي پٽ ظهير پتو منهنجي پياءَ جي ڌوهٽي مهڪ پتو سان شادي ڪئي: رهواسي

ڪجهه ڏينهن اڳ منهنجي ننهن کي برادري ۾ شادي جي پروگرام بهاني گهران وٺي ويا

منهنجو پياءَ اڳ ۾ به نياڻي جيڪا منهنجي پٽ جي سس پڻ آهي ان جا چار نڪاح ڪرائي چڪو آهي

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظورملڪ) مٺياڻي واسي ڳلاب پتوسندس پياءَ پير بخش عرف غلام علي پتوخلاف پريس ڪلب پهچي دانهينڊي چيو ته ٽي سال اڳ منهنجي پٽ ظهير پتو منهنجي پياءَ جي ڌوهٽي مهڪ پتو سان شادي ڪيي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: مٺياڻي واسي، پياءَ خلاف احتجاج ڪندي

نوشهرشهر ۾ بدامني چوٽ تي
ڦل ۾ 2 دڪانن کي ڪاٽ هزارين
روپين جي چوري

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ڦل ۾ 2 دڪانن کي ڪاٽ هزارين روپين جي چوري ڦل شهر جي مصر جي واهه روڊ سان علي ڏنو وڳڻ جي ريزڪي دڪان ۽ ايوب ملاح جي مرغي جي دڪانن جي نامعلوم چورن ڇت ڀڃي علي ڏنو وڳڻ جي ريزڪي دڪان مان سگريٽ تيل صرف ۽ روڪ پئسا کڻي فرارتي ويا دڪان مالڪ علي ڏنو وڳڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز: ۾ ٽن پاران ايڪسپريمنٽل ڊسپينسري جو پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪم ڪرائي ورتو

اڄ سومر ڏينهن کان اوپي ڊي جو باقاعده آغاز ڪيو ويندو مريضن جو چيڪ اپ ڪرڻ سان گڏ دوائون فراهم ڪيون وينديون

گذريل برساتن ۾ ڊسپينسري جو ڪمرو ڊهي پٽ پئجي ويو هو جيڪو هاڻي ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت ٻيهر تعمير ڪيو

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ڳوٺ پنهل خان مستوئي ۾ ڳوٺاڻن پاران ايڪسپريمنٽل ڊسپينسري جو پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪم ڪرائي غريب مريضن کي سهولت فراهم ڪئي پئي وڃي، سياڻي سومر ڏينهن کان اوپي ڊي جو باقاعده آغاز ڪيو ويندو ۽ مريضن کي چيڪ اپ ڪرڻ سان گڏ دوائون پڻ مفت فراهم ڪيون وينديون ياد رهي ته گذريل شديد برساتن ۾ ڊسپينسري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

گھوٽڪي ڌاڙيل راڄ پاران معصوم ٻار سان زيادتي ڪري وڊيو وائرل ڪرڻ خلاف جسقم جي ڪارڪنن جو احتجاج

ضلع گھوٽڪي ۾ ڌاڙيل راڄ سبب بدامني عروج تي پهچي وئي آهي ۽ امن تباهه ٿي رهيو آهي: ڪارڪن

ڪجهه هفتا اڳ رائونتي جي ڪچي ۾ ڌاڙيلن 5 پوليس آفيسرن کي شهيد ڪيو پر انهن خلاف موثر ڪاروائي نه ٿي

ضلع گھوٽڪي ۾ ٽارگيٽ آپريشن ڪري ڌاڙيل راڄ ختم ڪري ضلع گھوٽڪي ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر ڪيو وڃي

گھوٽڪي (رپورٽ: لالچند موتواڻي) ميرپورماٿيلو جسقم طرفان ضلع گھوٽڪي ۾ ڌاڙيل راڄ طرفان معصوم ٻار سان زيادتي ڪري سوشل ميڊيا تي وائرل ڪرڻ خلاف ۽ ميرپورماٿيلو ۾ بدامني خلاف احتجاج ڪيو ويو ڪارڪنن ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر پريس ڪلب ميرپورماٿيلو کان ريلي ڪڍي شهر جي مختلف رستن تان گشت ڪري پڌائي چوڪ تي پهچي مظاهرو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

گھوٽڪي: ڌاڙيل طرفان معصوم ٻار سان زيادتي ڪرڻ خلاف جسقم ڪارڪن احتجاج ڪندي

جلد قاضي احمد ناز باغ
۾ عوامي جلسو ڪيو ويندو
علي حسن زرداري

قاضي احمد(رپورٽر) [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوان جتوئي ۽ آسپاس هڪ دفعو ٻيهر چورن باهه ٻاري ڏني، لکين روپين جي چوري

چور دوڪانن جي ڇتن کي ڪاٽ هڻي قيمتي سامان ۽ روڪ رقم جي چوري ڪري فرار

هتان جا رهواسي ٻٽي عذاب ۾ مبتلا آهن ڪاروباري ۽ دوڪاندار سخت تڪليفن ۽ پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) نيوجتوئي ۽ آسپاس هڪ دفعو ٻيهر چورن باهه ٻاري ڏني آهي رات به نيوجتوئي شهر جي مين روڊ تي واقع وصي پنهور جي ڪرياني واري دوڪان ۽ سندس پر ۾ مولا بخش چانڊيو جي پيسٽي سائيڊ ۽ فرٽيلائيزر جي دوڪانن جي ڇتن کي ڪاٽ هڻي دوڪانن ۾ پيل قيمتي سامان ۽ روڪ هزارين روپين جي چوري ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته هڪ هفتي اندر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ناروشاهه پرسان پورٽي ۾ اڳوڻي صوبائي وزير مرحوم عبدالحق ڀرٽ جي چوٿين ورسي ملهائي وئي

تقريب ۾ عبدالحق ڀرٽ جي زندگي سياست ۽ خدمت تي روشني وڌي وئي سماجي اڳواڻن صحافين وڏي انگ شرڪت ڪئي

وساري نٿو سگهجي ان موقعي تي سندس روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ قرآن خواني ۽ خيرات جو بندوبست پڻ ڪيو ويو هئو: اڳواڻ

علائقي واسين سان هر ڏک سک ۾ گڏ بيٺل هوندو هئو سندس ڪيل خدمت کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي

ناروشاهه (رپورٽ: راشد علي ميمڻ) ناروشاهه پرسان پورٽي ۾ اڳوڻي صوبائي وزير مرحوم عبدالحق ڀرٽ جي چوٿين ورسي ملهائي وئي ورسي تقريب ۾ مرحوم عبدالحق ڀرٽ جي زندگي سياست ۽ خدمت تي روشني وڌي وئي مختلف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ناروشاهه: پورٽي ۾ اڳوڻي صوبائي وزير مرحوم عبدالحق ڀرٽ جي چوٿين ورسي جي تقريب منعقد

سوهو برادري سميت علائقي جي غريب
مسڪين ماڻهن جي خدمت ڪندس:
عبدالجبار سوهو

دولتپور صفن(رپورٽر) معزز شخصيت عبدالجبار سوهو کي المعروف الحاج قبلہ بزرگ حافظ غلام محمد سوهو محمودي قادري مشهور بابا سائين جن پاران خلافت جي ڏسيواري جي خوشيءَ سيد مظهر حسين شاهه جيلاني حاجي ڏاڙهون سلطان سوهو عاشق حسين سوهو خان سوهو ايان علي سوهوخان سوهو ۽ ٻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سلطانپور ايريگيشن کاتي جي ڪامورن جي ملي ڀڳت سان لکين روپين جي ماليت جا وڻ چوري

علائقي واسين پاران انجنيئر انور علي سومرو شاخ جي داروغي ۽ بيلدار تي ڪاٺ چوري ۾ ملوث هجڻ جو الزام

ڳوٺاڻن جي ڏنل اطلاع تي عوامي آواز ٽيم فوري طور ڪٽيل وڻن واري هنڌ پهچي ثبوت هٿ ڪري ورتا

ياد رهي ته ان کان اڳ ۾ قاضي واهه شاخ تان ڪيترائي قيمتي وڻ رات جي پيٽ ۾ چوري ڪنجي چڪا آهن

سلطانپور(رپورٽر) سلطانپور شهر پرسان ايريگيشن کاتي جي ڪامورن جي ملي ڀڳت سان قاضي واهه تان رات جي پيٽ ۾ لکين روپيا ماليت جا ڏاري جا وڻ چوري ڪنجي ويا، علائقي واسين پاران انجنيئر انور علي سومرو شاخ جي داروغي ۽ بيلدار تي ڪاٺ چوري ۾ ملوث هجڻ جو الزام، ڳوٺاڻن جي ڏنل اطلاع تي عوامي آواز ٽيم فوري طور ڪٽيل وڻن واري هنڌ پهچي ثبوت هٿ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪراچي واري قومپرست ۽ عوام دوست اڳواڻ يوسف مستي خان کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ تقريب ڪرائي وئي

تقريب ۾ اڳواڻ اختر حسين، جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين عبدالخالق جوڻيجو ۽ ٻين شرڪت ڪئي

يوسف مستي خان عوامي حقن جو طاقتور آواز هو سنڌ بلوچستان سان ٿيندڙ زيادتين خلاف هميشه پنهنجو چٽو موقف رکيو

پاڻ هميشه پنهنجي اصولن تي ڪاربند رهيو سنڌ ڏسيل واٽ تي هلي مظلوم محڪوم قومن لاءِ جدوجهد جاري رکي ويندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ انڊيجنس رائيٽس الائنس پاران مظلوم قومن جي حقن لاءِ جاکوڙيندڙ نالواري قومپرست ۽ عوام دوست اڳواڻ يوسف مستي خان کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ رزاق آباد تقريب ڪرائي وئي تقريب کي خطاب ڪندي عوامي ورڪرز پارٽي جي اڳواڻ اختر حسين ايڊووڪيٽ، جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين عبدالخالق جوڻيجو، جيئي سنڌ قومي محاذ جي اڳواڻ الاهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪراچي: قومپرست ۽ عوام دوست اڳواڻ يوسف مستي خان کي ڀيٽا پيش لاءِ تقريب منعقد ڪئي وئي

احمد ۽ آس پاس
علائقن ۾ چورن ۽ ڇاپي
چورن جو راڄ

قاضي احمد(رپورٽر) قاضي احمد ۽ آس پاس علائقن ۾ چورن ۽ ڇاپي چورن جو راڄ ڪارات خالي ناهي جنهن رات ڪا چوري يا موٽرسائيڪل چوري نه ٿي اڄ صبح جو فائيو اسٽار شادي حال وٽان نامعلوم چورن محرم چانڊيو جي سي ڊي موٽر سائيڪل ڪاهي فرار ٿي ويا رات دير سمات پيٽرول پمپ جي سامهون ڇاپي چور خادم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

وارهه انتظاميه جي نااهلي ۽ غفلت سبب هڪ دفعو ٻيهر وري ٻوڏ ۽ تباهي اچڻ جا امڪان

ڳوٺ حاجي غازي خان چنو کان ٻوڏ ۾ لڳل ڪنڊ هن وقت تائين نه ٻڌجي سگهيا

برساتن ۾ اسان کي هٿ وٺي سر نالن کي رڪاوٽون ڏئي شاخن کي ڪٽ ڏياري اسان جي فصلن ۽ ڳوٺن کي ٻوڙايو ويو: متاثر

قانوني ڪارروائي ڪري اسان جي ڳوٺن ۽ فصلن کي هڪ دفعو ٻيهر ٻوڙڻ کان بچايو وڃي ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي

وارهه (رپورٽ: طالب حسين چانڊيو) وارهه انتظاميه جي نااهلي ۽ غفلت سبب هڪ دفعو ٻيهر وري ٻوڏ ۽ تباهي اچڻ جا امڪان سارين جا تيار ٿيل فصل تباهه ٿيڻ بعد ڪڻڪ جو فصل به تباهي جي نشاني تي بيٺل وارهه کان گذر ڪندڙ پٺا شاخ کي ڳوٺ حاجي غازي خان چنو کان ٻوڏ ۾ لڳل ڪنڊ هن وقت تائين نه ٻڌجي سگهيا علائقي واسي سخت پريشان سوين ايڪڙن تي بيٺل ڪڻڪ جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR

www.dailysindhyar.com

سومر 12 ڊسمبر 2022ع

حڪومت ۽ مخالف ڌر جي ايجنڊا تي مهانگائي ڇو نه آهي ؟

ملڪ جي سياسي حالتن مان شايد ڪيرئي مطمئن هجي ڇاڪاڻ ته روز روز جا نوان بحران ۽ واقعا عوام کي هڪ نئين ڏهڻ ۾ ڦاسائڻ طرف وٺي وڃي رهيا آهن.بين سياسي مسئلن جو ته ڪٿي عوام تي ايترو اثر نه پوندو هجي پر انهي سياسي صورتحال جيڪو عوام کي مهانگائي جي ڪن ۾ ڦاسايو آهي عوام انهي مان هر حال مان نڪرڻ ٿو چاهي.سياسي ڌريون رڳو پنهنجي سياسي مفادن لاءِ انهي بحران کي وڌائڻ چاهين ٿيون باقي عوام تي ڇا وهي واپري ٿو انهن جو انهي سان ڪو تعلق ناهي جڏهن ته حڪومت به انهي سياسي مسئلن تي وڌيڪ ڌيان ڏئي رهي آهي جنهن ڪري اها به مهانگائي کي منهن ڏيڻ لاءِ نه ڪا حڪمت عملي ٿي جوڙي نه ئي وري انهي کي گهٽ ڪرڻ لاءِ ڪي عملي قدم کڻندي نظر اچي رهي آهي.جنهن مان اميد ٿئي ته ڪو ايندڙ ڏينهن ۾ عوام کي مهانگائي مان جيڪڏهن مڪمل ڇوٽڪارو نه به ملي تڏهن به ڪنهن حد تائين گهٽتائي ضرور اچي پر ڏينهون ڏينهن وڌندڙ مهانگائي ۽ انهي خلاف ڪي قدم نه کڻڻ مان ثابت ٿئي ٿو ته حڪمران هجن يا مخالف ڌر جون وڏيون سياسي پارٽيون انهن جي ايجنڊا تي اها مهانگائي نه آهي.

سرڪاري اداري جي پنهنجي هفتيوار رپورٽ ۾ اهو اعتراف ڪيو ويو آهي ته ڪيئن نه ڏينهون ڏينهن مهانگائي ۾ اضافو ٿي رهيو آهي ۽ حڪومت انهي کي گهٽائڻ يا گهٽ ۾ گهٽ برقرار رکڻ ۾ به ناڪام نظر اچي رهي آهي. شماريات کاتي گذريل هفتي جي رپورٽ جاري ڪئي آهي جنهن ۾ اهو اعتراف ڪيو ويو آهي ته عام واهپي جي 24 شين جي اگهن ۾ واڌ ٿي آهي جڏهن ته رڳو 8 شين جا اگهه ٿورو گهٽ ٿيا آهن جڏهن ته 19 شيون اهڙيون آهن جن جي اگهن ۾ ڪا گهٽ وڌائي نه ٿي آهي مطلب ته اهي ساڳيا برقرار رهي آهن جيڪڏهن اگهن ۾ واڌ وارين شين جو ذڪر ڪجي ته انهن ۾ اڪثريت اهڙين شين جي آهي جن جو سڌو سنئون تعلق بورچيخاني سان آهي جڏهن ته گهريلو يا عام استعمال جون بيون ڪجهه شيون انرجي سيور،ايل پي سيلينڊر،ڪپڙن ڌوئڻ وارو صابڻ،ڪائيون ان ۾ شامل آهن. 8 ڊسمبرتي مڪمل ٿيل هفتي دوران عام واهپي جي شين جي قيمتن ۾ اضافي ۽ گهٽتائي بابت شماريات کاتي رپورٽ جاري ڪئي آهي. رپورٽ موجب گذريل هفتي دوران بصرن جي في ڪلو قيمتن ۾ 16 رپيا 54 پيسا، 11.67 . ڪيلن جي في درزن جي قيمتن ۾ 2 رپيا 64 پيسا، باسپتي ٽوٽا چانورن جي في ڪلو قيمتن ۾ 2 رپيا 86 پيسا، آنن جي في درزن قيمتن ۾ 5 رپيا 51 پيا، لوڻ جي 800 گرام قيمتن ۾ 63 پيسا، اٽي جي 20 ڪلو واري ٿيلهي جي قيمتن ۾ 12 رپيا 83 پيسا، دال مگ جي في ڪلو قيمتن ۾ هڪ رپيو 89 پيسا، دال ماش جي في ڪلو قيمتن ۾ هڪ رپيو 13 پيسا، ڪنڊ جي في ڪلو قيمتن ۾ هڪ رپيو 9 پيسا. پائوڊر واري کير، ٿوم، ڪپڙن ڌوئڻ واري صابڻ، چانهن، رڌ پچاءَ ۾ استعمال ٿيندڙ ڪاٺين، گڙ، تازي کير، ڏهي، سرنهن جي تيل، ايري چانورن، هوٽل تي پڪل دال جي قيمتن ۾ اضافو ٿيو، جن شين جي اگهن ۾ گهٽتائي ٿي آهي اهي گهڻو ڪري موسمي آهن جيئن ٽماٽا ۽ ڪجهه ٻيون اهڙيون شيون جن ۾ حڪومت يا قيمتون ڪنٽرول ڪرڻ واري اداري جو ڪو ڪردار ناهي.

اسان سمجهون ٿا ته هي ته رڳو کائڻ پيئڻ جي شين جا انگ اکر آهن پر ٻين عام استعمال جي شين جا جيڪي اگهه وڌيا آهن اهي پڙهي ۽ ٻڌي لڳي ٿو ته عام ماڻهو اهي شيون خريد ئي نه ٿو سگهي. ماڻهن جو سڀ کان وڏو مسئلو مهانگائي آهي. هڪ طرف ريئي جو قدر مسلسل گهٽجي رهيو آهي جنهن سان مهانگائي ۾ اضافو ٿي رهيو آهي ٻئي طرف ڪاروبار نه ٿيڻ سبب بيروزگاري ۾ واڌ ٿي رهي آهي جنهن ڪري عوام ۾ ويلا ماني جو به بندوبست ڪرڻ کان محروم ٿي رهيو آهي.پر حڪومت ۽ مخالف ڌر جون پارٽيون انهي مسئلي ڏانهن ڌيان ڏيڻ بدران پنهنجي سياسي ويڙهه ۾ پوريون آهن.تنهن ڪري حڪومت کي گهرجي ته انهي مهانگائي مان عوام جي جان ڇڏائڻ لاءِ ترت عملي قدم کڻي ايئن نه ٿئي ته مهانگائي مان بيزار عوام سياسي ڌرين کان بيزاري جو اظهار ڪري روڊن تي نڪري اچي.

چين سعودي لاڳاپا ۽ بدلجندڙ علائقائي ماحول

ڊاڪٽر بخت جمال

چيني سربراهه شي جنپنگ جو سعودي عرب جو ٽن ڏينهن جو تاريخي دورو جمعي تي پڄاڻي تي پهتو آهي. جنهن ۾ سندس بيمثال شاهي استقبال ڪيو ويو. سندس جهاز کي سعودي سرحدن ۾ داخل ٿيندي ئي سعودي شاهي جهازن جي پهري ۾ گادي واري شهر رياض پهچايو ويو. چيني سعودي جهنڊا ڦڙڪائي ڪيس عربي گهوڙن جي سلامي ڏني وئي. ڳاڙها غاليچا وڇائي ڪيس گارڊ آف آنر جو معائنو ڪرايو ويو وغيره شامل آهن. ان استقبال کي آمريڪي صدر جي گذريل سعودي دوري سان ڀيٽيو پيو وڃي جنهن ۾ جو بائيڊن جو استقبال شيخ محمد بن سلمان شاهي محل ٻاهران سادي طريقي سان ڪيو هو ڇو ته سعودي صحافي جمال خشوگي جي ترڪيه ۾ قتل ۽ اوپيڪ پلس پاران تيل جي پيداوار گهٽائڻ جي معاملن تي ٻنهي وچ ۾ ڇڪتاڻ هلي رهي هئي جيڪا اڄ به جاري آهي. شي جنپنگ جي دوري ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ 46 معاهدن تي صحيحون ڪيون ويون آهن جن جي ماليت 30 ارب ڊالرن کان وڌيڪ آهي. جيڪي تيل، گئس، ڊجيٽل پليٽ فارم، بنيادي ڍانچي، ٽيڪنالاجي، نون شهرن جي اڏاوت، ڪلائوڊ ڪمپيوٽنگ، بجلي تي هلندڙ ماحول دوست ڪارخانن، 5G هشاوائي ٽيڪنالاجي، صحت سميت دفاعي معاملن بابت آهن. چيني ريلوي ڪارپوريشن اڳي ئي مڪي کان مديني شريف 450 ڪلوميٽر ڊگهي ريلوي لائين تي ريل گاڏي 300 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان چئن سالن کان هلائي رهي آهي جنهن تي 16 ارب ڊالر خرچ آيو هو ان کان سواءِ مڪي شريف کان منا تائين 16 ڪلوميٽر مڪ ميٽرو به هلي رهي آهي جيڪا سال ۾ لکين حاجي کڻي رهي آهي.

چيني پرڏيهي وزارت شي جي سعودي دوري کي "عهدساز" سڏيو آهي جڏهن ته آمريڪي وائيٽ هائوس ۽ پرڏيهي ترجمان چيو آهي ته جيتوڻيڪ شي جو دورو علائقي ۾ اثر رسوخ وڌائڻ لاءِ آهي پر هو سعودي کي بيجنگ ۽ واشنگٽن مان ڪنهن هڪ جي چونڊ لاءِ زور نه ڀريندا ۽ ڪو به ملڪ پنهنجي مرضي موجب چونڊ ڪرڻ لاءِ آزاد آهي. سندن ڪوشش آهي ته ڪين پنهنجي پاران پرڪشش پيڪيج ڏنو وڃي ان ڪري جيڪي شيون آمريڪا جي ميز تي رکيل آهن اهي پيو ڪو ملڪ ڪين ڏئي نٿو سگهي. سعودي پرڏيهي وزير ان موقعي تي اهو به چيو آهي ته سندن ڪو ارادو ناهي ته ڪنهن هڪ ڌر جو پاسو وٺجي. مبصر اهو به چئي رهيا آهن ته علائقي جي خطرناڪ دفاعي صورتحال سبب سعودي آمريڪا کي ڇڏي ته نٿو سگهي پر سندس پاڙي ۾ يمن، شام، عراق، ايران جي صورتحال کان هو اک پوٽي به نٿو سگهي. ان حالت ۾ چين سعوديه جي مدد ڪري سگهي ٿو ڇو ته چين جا ايران، شام ۽ اسرائيل ٽنهي سان سٺا لاڳاپا آهن. روس سان عرب ملڪن جي لاڳاپن جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته روسي جيلن مان تازو آمريڪي رانديگر جي آزادي سعودي محمد بن سلمان ۽ عرب امارات جي شيخ محمد بن زيد جي گڏيل سفارتي ڪوششن سان ٿي آهي. ان ڪري روس چين سان بهتر لاڳاپن وسيلي ڪين ايران يمن ۽ شام ۾ مدد ملي سگهي ٿي. جنهن سان سعودي ۽ ٻين عرب ملڪن کي خطرو گهٽائي سگهجي ٿو ڇو ته نيوڪليئر معاملي تي عالمي پابندين سبب چين گهڻ ڌري ڳالهين ۾ سندس مدد ڪري رهيو آهي.

چين اهو به چاهي ٿو ته ايراني نيوڪليئر ٽيڪنالاجي پرامن مقصدن لاءِ ڪتب آندي وڃي جيڪا ڳالهه عرب ملڪن لاءِ تقويت جو باعث آهي. تازو عمان جي سمنڊ ۾ روس ۽ چين ايران سان گڏجي فوجي مشقون به ڪيون آهن. جنهن سان چين ۽ روس جي ايران تي وڌندڙ اثر جي خبر پوي ٿي. چين گذريل سال ايران سان 25 سالن لاءِ تعاون جو معاهدو به ڪيو آهي ۽ پابندين باوجود چين ڪانئس سستو تيل وٺي رهيو آهي. نه فقط ايترو پر ايران يوڪرين ۾ به روس جي مدد ڪري رهيو آهي جتي ايراني ڊرون ڪتب آندا پيا وڃن ۽ آمريڪا الزام هنيو آهي ته ايران روس کي هيليڪاپٽر، ميزائيل به ڏئي رهيو آهي جنهن سان تازو يوڪرين ۾ بجلي گهرن تي حملا ڪري بليڪ آئوٽ ڪيو ويو. هن خبردار ڪيو آهي ته ان سان ايراني پاڙيسرين لاءِ خطرا وڌي ويندا.

شي جنپنگ جي دوري دوران جي سي سي جي ڇهن تيل پيدا ڪندڙ ملڪن سعوديه، قطر، عرب امارات، ڪويت، بحرين، عمان شرڪت ڪئي جنهن ۾ شي چيو ته هو چاهين ٿا ته ساڻن تيل گئس جو ڪاروبار ڊالر بجاءِ چيني ڪرنسي يئان ۾ ڪيو وڃي. جي سي سي ملڪن جون ڪرنسيون ڊالر سان فڪس اگهه تي 1970ع جي ڏهاڪي کان مقرر آهن ۽ ان مقصد لاءِ رڳو سعوديه جا سوا کرب ڊالر آمريڪي بئنڪن ۾ رکيل آهن. هن عرب ملڪن جي ڪانفرنس ۾ به شرڪت ڪئي جنهن ۾ مصر، تيونس، فلسطين، سوڊان، لبنان، عراق ۽ مراڪش شامل هئا. شي دنيا ۾ سندن ڪردار جي تعريف ڪندي چيو ته عرب ملڪ دنيا جي "توانائي جي ٽانڪي" آهن جيڪي دنيا کي ٽيون حصو تيل ۽ پنجون حصو گئس پهچائي رهيا آهن. هن چيو ته عرب دنيا سان چين جا لاڳاپا پراڻي شاهراهه ريشم سان ڳنڍيل آهن جڏهن روم ويندي ان شاهراهه وسيلي چين کان مرچ مصالحن، ڪاغذ، ماربل ۽ ريشم جو ڪاروبار جڏهن ته عرب دنيا کان طبي نسخن، دوائن جي رسد ۽ فلڪيات جو علم چين پهتو جنهن مان سندن ڪئلينڊر ٺهيو هن سندباد جي سفرن جو به ذڪر ڪيو.

ڪورونا ۽ يوڪرين بعد بدلجندڙ عالمي صورتحال سبب اهي آمريڪي اتحادي عرب ملڪ پريشان آهن ڇوته هو سمجهن ٿا نئين صورتحال ۾ آمريڪا جو ڌيان پئسفڪ ۽ يورپي ملڪن ڏانهن آهي جتي چين روس جو اثر وڌي رهيو آهي ان ڪري ڪين علائقائي ڌڻن خاص طور اسرائيل ۽ ايران کان بچائڻ لاءِ ڪو پرجهلو گهرجي جيڪو ڪين وقت سر ڪم اچي سگهي. چيني سعودي سربراهن وچ ۾ اهو به طئي ٿيو ته هئي سربراهه ٻن سالن ۾ هڪ دفعو ضرور ملندا ۽ ان وچ ۾ سندن حڪومتي سربراهه به ملاقاتون ڪندا. دوري دوران چيني سربراهه جو سعودي اخبارن ۾ ڪالم به ڇپيو آهي جنهن ۾ هن چيو آهي ته چين جا سعوديه سان لاڳاپا به هزار سال پراڻا آهن. هن حضور صلعم جن جي قول ته "جي پڙهڻ لاءِ چين وڃڻو پوي ته به وڃو!" جو پڻ ذڪر ڪيو آهي ۽ چيو آهي ته عرب ملڪن جي پنهنجي آزادي ۽ ٻاهرين مداخلت کان نجات جي خواهش گهڻي پراڻي آهي جنهن جو قدر ڪرڻ گهرجي.

جيئن گذريل سال هنن ئي صفحن ۾ ڪيترائي پيرا لکيو هو ته ڪورونا بعد دنيا بدلجي چڪي آهي ۽ ٻي سرد جنگ شروع ٿي چڪي آهي جنهن دوران ڌرتي جي ڪٺندڙ ڏاند پنهنجو سڱ مٽائيندا جنهن سان ڌرتي جي "ڏڏڻ" جو امڪان آهي. شي جنپنگ جو تازو سعوي دورو ٻڌائي ٿو ته سڱ مٽجي رهيا آهن. اهو به اتفاق چئبو ته شي جي دوري دوران ئي سعودي مالياتي وزير پاڪستان کي وڌيڪ چار ارب ڊالر ڏيڻ جو ارادو ظاهر ڪيو آهي. چين سعودي معاهدن ڪري انڊيا جي ميڊيا به تشويش جو اظهار ڪري رهي آهي ته ڪٿي سندن سعودي ۾ ڪم ڪندڙ پنج سئو ڪمپنيون نه بند ٿي وڃن ۽ پاڪستان ۽ چين سعوديه سان ملي ڪين نقصان نه پهچائن. انهن خدشن کي ڪٿي پاسي تي ئي رکجي پوءِ به ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته ايشيا ۾ صورتحال بدلجي پئي ۽ نوان اتحاد جڙن پيا جن ۾ چين جي حيثيت بنيادي اهميت واري آهي. ان پسمنظر ۾ پاڪستان کي گهرجي ته پنهنجي گهر کي ٺيڪ ڪرڻ تي ڌيان ڏئي.

سعودي مبصر شي جنپنگ جي تازي سعودي دوري تي تبصرو ڪندي 22 سال اڳ ٿڌهوڪي سعودي پرڏيهي وزير سعودالفيصل جي آمريڪي اخبار واشنگٽن پوسٽ کي ڏنل ان انٽرويو جو حوالو ڏئي رهيا آهن جنهن ۾ هن چيو هو ته سعودي آمريڪي لاڳاپا ڪا عيسائي شادي ناهي جنهن ۾ سڄي ڄمار فقط هڪ شادي جي ئي اجازت آهي پر اها مسلمان شادي آهي جنهن ۾ توهان چار شاديون ڪري سگهو ٿا. تنهن ڪري چين سان لاڳاپا سعوديه جي ٻي شادي آهي جنهن ۾ پهرين سان لاڳاپا به قائم رهندا.

سِڪڻُ ۽ سورِي، ٻئي اَکَرِ هيڪڙي؛
وِهڻُ واٽَڙيُن تي، ڪارَڻُ ضرورِي؛
ٻنهي جي پُورِي، جِيءَ ڏني رِيَ نه جُڙي.

مڇي جي نسل کي خطرا ۽ انهن جو بچاءُ

عبداللطيف چرچڙ

تازو ئي تاريخ پبليڪشنز طرفان پاڪستان جي ناماياري تاريخدان ڊاڪٽر مبارڪ علي جو "چين ڪا عروج و زوال" جي نالي سان ڪتاب ڇپيو ويو آهي. ڪتاب فڪشن هائوس جي سمورن ڪتاب گهرن ۾ موجود آهي. ڊاڪٽر مبارڪ علي پاڪستان جو ناليوارو تاريخدان آهي. سندس جنم هندستان جي راجستان صوبي جي شهر ٽونڪ ۾ 21 اپريل 1941ع ۾ ٿيو ۽ 1947ع جي هندستاني ورهاڱي بعد حيدرآباد سنڌ ۾ اچي آباد ٿيو. هن جرمني جي روهر يونيورسٽي بوچم مان تاريخ جي شعبي ۾ "مغل دور جو هندستان" جي عنوان سان پي ايڇ ڊي ڪئي.

سندس اهو ڪتاب پڻ اردو ۾ ڇپيل آهي. ان کان اڳ ڊاڪٽر مبارڪ علي جا تاريخ جي موضوع تي درجنين ڪتاب مارڪيٽ ۾ شايع ٿي چڪا آهن. ڊاڪٽر مبارڪ علي جو هي ذڪر ڪيل ڪتاب "چين ڪا عروج و زوال" دراصل ٽيڃنگ ڪمپني طرفان Professor Richard Baum جي ليڪچرز (Fall and Rise of China) جي Review تي مشتمل آهي. ڪتاب "چين جي تاريخي پسمنظر"، "چين جي شان و شوڪت 600ع کان 1700ع" جي باب کان شروع ٿيندي "مائو جي وفات 1971ع کان 1976ع" جي تمام مختصر ۽ مٿاڇري تجزيي تي مشتمل آهي. چين جي قديمي تاريخ کان وٺندي چين جي سوشلزم ڏانهن راهه تائين جي تمام ڊگهي سفر کي ليڪ تمام گهڻو مختصر ڪري لکيو آهي. ڪتاب چيني Shang خاندان جي زماني ۽ Zhou جنهن جي دور ۾ ڪنفيوشس جي تعليم جي شروعات ٿي کان وٺندي چين جي تاريخ اندر مختلف وقتن تي سندس عروج ۽ زوال، چين جي وڌندڙ آبادي ڪري چين جي مسئلن، هارين جي بغاوت، چين مان بادشاهت جي خاتمي، سن يات سين جي پاليسين، چيني ڪميونسٽ پارٽي جي جوڙجڪ، چين مٿان انگريزن جي تسلط، آفيمي جنگين، جاپان جي قبضي، ڪومنتانگ جي ظلمن، ڪميونسٽن ۽ ڪومنتانگن جي اتحاد ۽ چيانگ ڪائي شيڪ جي طرفان چيني ڪميونسٽ پارٽي سان ٿيل ويساهه گهاتين، عظيم انقلابي استاد مائو جي اڳواڻي ۾ چين جي سوشلسٽ انقلاب ۽ انقلاب کانپوءِ جي مائو جي پاليسين؛ ثقافتي انقلاب، Great leap forward مائو جي وفات تائين جي وڏن پيچيدگين ۽ گهڻن موضوعن تي مشتمل آهي.

ڪتاب تاريخ جهڙي هيڏي وڏي موضوع تي تمام مختصر ۽ Short لکيو ويو آهي جيڪا منهنجي خيال ۾ ڪتاب جي وڏي خامي آهي. تاريخ جي موضوع ۽ اهو به چين جهڙي دنيا جي قديم تهذيب ۽ تاريخ رکندڙ ملڪ جي عروج ۽ زوال جي داستان تي بڌل ڪتاب چيني تاريخ جي وڏن واقعن تي ڊگهي بحث جو گهرجائو آهي پر ذڪر ڪيل ڪتاب چاڪاڻ ته ڪجهه ليڪچرز جي Review تي مشتمل آهي ان ڪري ڪتاب ۾ مختلف واقعن تي مٿاڇرو بحث ڪيو ويو آهي ۽ واقعن جي اصلي حقيقتن ۽ انهن جي تهه تائين پهچڻ جي ڪوشش نه ڪئي وئي آهي جنهن سان منهنجي خيال ۾ چين جي نه مڪمل تاريخ سمجهي سگهجي ٿي نه ئي چين جي سوشلسٽ انقلاب يا مائو جي حڪمت عملين ۽ پاليسين سان انصاف ڪري سگهجي ٿو ۽ نتيجي طور ٿيو به ايئن ئي آهي ليڪ ڪتاب اندر مائو جي پاليسين جهڙوڪ ثقافتي انقلاب وغيره بابت ڪٿي دبيل لفظن ۾ ته ڪٿي کليل انداز ۾ تنقيد ڪئي آهي جيڪا منهنجي خيال ۾ واجب تنقيد ناهي.

ڪتاب اندر مائو جي جن پاليسين تي ليڪ طرفان مٿاڇرو بحث ڪندي تنقيد ڪئي وئي آهي انهن جي حقيقتن تائين پهچڻ تمام ضروري آهي ۽ هن دفعي ليڪ طرفان ثقافتي انقلاب تي جيڪا تنقيد ڪندي ان جي اصلي مقصد کي توڙي مروڙي ان کي فقط مائو طرفان پنهنجي سياسي پوزيشن مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش قرار ڏيڻ واري نقطي (صفحو 95 کان 101) کي ٿي ڏسنداسين ته اصل حقيقت ڇا آهي ۽ ثقافتي انقلاب آخر هو ڇا؟ دراصل جيئن عظيم انقلابي لينن پروهيت دوست انقلابي نظريي ۾ سائنسي واڌارا ڪري ان کي پنهنجي دور ۽ حالتن سان ٺهڪائي روس ۾ سوشلسٽ انقلاب برپا ڪيو بلڪل ايئن ئي ڪامريڊ مائو چيني سماج اندر مارڪسي _ ليننيءَ نظريي ۾ زبردست واڌارا ڪري چين اندر سوشلسٽ انقلاب جي اڳواڻي ڪري ان کي ڪامياب بڻايو. مائو زي تنگ انهن واڌارن ۽ سائنسي کوجنائن منجهه هڪ اهم دريافت اها ڏسي ته: "سوشلسٽ نظام ۾ به عوام وچ ۾ تضاد رهن ٿا"

سوشلسٽ ملڪن جي عوام ۽ عوامي سرڪار وچ ۾ به تضاد رهن ٿا جن کي حل ڪرڻ جي ضرورت آهي. ثقافتي انقلاب مائو جو اهو عظيم ڪارنامو هو جنهن چين جي عوامي انقلاب کي وڌيڪ مستحڪم ڪيو ۽ انقلاب دشمن قوتن، سوچن، لاڙن جو صفايو ڪيو. ثقافتي انقلاب، ڪامريڊ مائو دراصل چيني انقلاب بعد چيني سماج، چيني ڪميونسٽ پارٽي ۾ موجود سرمائيدارانه لاڙن ۽ سرمائيداراڻي سوچ رکندڙ ماڻهن کي تبديل ڪرڻ لاءِ متعارف ڪرايو هو جيڪو پنهنجي جوهر ۾ هڪ وڏو عظيم تخليقي ڪارنامو هو جيڪو عظيم انقلابي مائو سرانجام ڏنو. ثقافتي انقلاب وسيلي چيني ڪميونسٽ پارٽي ۽ چيني حڪمران طبقي ۾ موجود انهن ماڻهن جي وڏي تعداد جي سرمائيداري سوچ کي تبديل ڪري ڪين عوام جو همدرد ڪرڻ جو ڪم ڪيو ويو ۽ ظاهر آهي مائو جي انهن انقلابي پاليسين سان سرمائيداري جي حامي سمورن ماڻهن کي ضرور اختلاف رهندو ۽ ايئن ئي چين ۾ به هڪ گروهه مائو جي مخالف ٿي بيٺو پر تاريخ دير سوير انصاف ضرور ڪري ٿي ۽ تاريخ ثابت ڪيو ته ڪامريڊ مائو مارڪس ۽ لينن جي تعليم جو جدلياتي تسلسل ڪٺي چين ۾ زبردست تبديليون آنديون ۽ اڄ ٽين دنيا جي محڪوم طبقن ۽ مظلوم قومن لاءِ مائو جو فڪر رهنمائي ڪندڙ قوت آهي.

بقايا 01 ***

ڪندي رهي آهي. ملڪ جي معيشت کي خراب ٿيڻ ۾ هڪ ڏينهن نه پر ڊگهو عرصو لڳندو آهي. لڳاتار غلطيون ڪرڻ سان معيشت جو اهو حال ٿيو آهي. ملڪ جي اڄ وڌندڙ حالتن تي ڳڻتي ظاهر ڪرڻ سان گڏو گڏ حل به ڳولهڻو پوندو. هن چيو ته ملڪ ۾ اليڪشن ۾ مداخلت نه ٿي ها اڄ ملڪ ۾ اهڙيون حالتون پيدا نه ٿين ها. اڄ تائين ملڪ ۾ شفاف چونڊون نه ٿيون آهن. ايتري قدر جو پنهنجي مرضيءَ جا ماڻهو آندا ويا ۽ گهٽايا ويا. هن چيو ته ٽرٿ ڪميشن نهڻ گهرجي جنهن تحت حقيقي دستاويز نهڻ گهرجن. اسان جي ملڪ ۾ جيڪو ڪجهه ٿئي پيو اهو نظر نه ٿو اچي جيڪا عجيب ڪيفيت آهي. هن چيو ته حالتون سڌارن ۽ معيشت کي بهتر ڪرڻ لاءِ پنج سال لاڳيتو جدوجهد ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته صوبائي حڪومت کي ٽوڙڻ ناڪامي جي علامت هوندي. اهڙي صورت ۾ صوبن ۾ وري اليڪشن ٿي سگهي ٿي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن جو چوڻ هو ته دراصل سياسي پارٽين اندروني طور تي جمهوري نه هونديون آهن ۽ انهن ۾ اليڪشن سان ورهائجي وينديون آهن. هن مريم نواز ۽ اسحاق ڊار کي هڪ خاندان جا ماڻهو هجڻ سبب اهميت ڏيڻ واري سوال تي جواب ڏيندي چيو ته خاندان جو فرد هجڻ جي حيثيت ۾ پارٽي موقعو ڏيندي آهي پر ان کي قائم رکڻ فردن جي ذاتي صلاحيت هوندي آهي. هن چيو ته نواز ليگ قيادت سمجهو ته اسحاق ڊار کي تجربو آهي ان ڪري وڌيڪ ڪم ڪري سگهي ٿو. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته لوڪل گورنمينٽ جا اختيار! غير سرڪاري طور تي اسيمبلي ميمبر استعمال ڪن ٿا جنهن ڪري اهو نظام ناڪام ٿئي ٿو. توڙي جو پرويز مشرف پنهنجي دور ۾ لوڪل گورنمينٽ کي وڏا اختيار ڏنا پوءِ به ناڪام ٿي ويئي. هن چيو ته ملڪ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ جي ضرورت آهي يا صوبن ۾ خودمختيار انتظامي يونٽ ٺاهيا وڃن. هن وڌيڪ چيو ته ايڊمنسٽريشن نظام تبديل ڪرڻ پوندو اهو وڌيڪ هلي نه سگهندو. نيب بابت هن ڳالهائيندي چيو ته ڪابينا به نيب جي ڪري سوچي سمجهي فيصلا ڪري ٿي. آمر پاران بڻايل نيب ملڪ کي وڏو نقصان پهچايو آهي ۽ سڀ حڪومتون هن کي ڳلي لڳايو آهي. صرف نواز شريف آهي جنهن کي نيب نشانو بڻايو جڇن کي به بليڪ ميل ڪيو ويو هن چيو ته نيب جي ڪري ملڪ وڏين مشڪلاتن جي ور چڙهيل آهي. نيب جي ڪري ملڪ ۾ فيصلن جي صلاحيت تباهه ٿي وئي آهي. هن چيو ته نواز شريف جيان ٻين سياستدانن سان به حالت ڪئي وئي ته ڪو به سياستدان نه بچندا. جڏهن ته ايوان خالي ٿي ويندا. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته اسان جو ملڪ زرعي ملڪ هجڻ جي دعويٰ آهي پر هتي ڪڻڪ، چانهه جي پتي، داليون ۽ ٻيون زرعي شيون ٻاهران اچن ٿيون. ان باري ۾ صوبائي حڪومتن کي ڏسڻو پوندو. آزاد صحافت جون ڳالهيون ڪرڻ جي باوجود انتظامي ڪارروائون ٿيڻ واري سوال جي جواب ۾ هن چيو ته جمهوريت ڪمزور هجڻ جي صورت ۾ آزاديءَ صحافت تي اثر پوندا آهن. عمران خان سان ڳجهون ملاقاتن بابت چيو ته ملاقات باري ۾ مونکي خبر ناهي ۽ سياست ۾ ڳجهون ملاقاتون نقصان ڏينديون آهن. شاگرد سياست بابت هن ڳالهائيندي چيو ته دنيا بدلجي وئي آهي ۽ شاگرد سياست تعليم تي اثر انداز ٿئي ٿي پر شاگرد سياست تي پابندي به سٺو عمل ناهي. مشهور بلڊر بابت سوال تي هن چيو ته طاقتور ترين شخص کي ملڪ ۾ رهڻ جو حق ته آهي پر قانون ٽوڙڻ جو حق ناهي. ڪير به ڪاروبار ڪري ملڪيت ٺاهي سگهي ٿو سندس ڪم ۾ خرابي آهي ته انکي درست ڪرڻ گهرجي.

بقايا 02 ***

سطح تان ڊير گڏ ڪري آمريڪي خلائي اداري ناسا کي واپس ڪندو. اهڙي طرح اهو پهريون پيرو ٿيندو ته چنڊ کي واپاري سرگرمين لاءِ پهريون پيرو استعمال ڪيو ويندو. لانچ جي 35 منٽن ڪانپوءِ اسپيس لينڊر راڪٽ کان ڌار ٿي ويو جنهن تي يو اي اي جو روور موجود هو لينڊر کان ڌار ٿيڻ ڪانپوءِ اسپيس ايڪس جو فالڪن 9 راڪٽ ڪاميابي سان واپس زمين تي لينڊ ٿي ويو يو اي اي ان کان اڳ مريخ تي ڪاميابي سان مشن موڪلي چڪو آهي پر پهريون پيرو چنڊ جي سطح تي روور کي لينڊ ڪرائڻ پيو چاهي. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته روور جو وزن 10 ڪلوگرام آهي، ان ۾ ٻه هاءِ ريزوليشن ڪيمرا، مائيڪرو اسڪوپڪ ڪيمرا، ٿرمل اميج ڪيمرا ۽ ٻيا ڊيوائسز ڳنڍيل آهن ان سان چنڊ تي تحقيق ڪئي ويندي. لانچ ڪامياب رهيو پر چنڊ تي پهچڻ سولو ناهي ڇاڪاڻ ته اڳ مشنز ناڪام ٿي چڪا آهن. هن وقت تائين رڳو آمريڪا، چين ۽ روس جا مشن ئي چنڊ تي ڪاميابي سان لينڊ ڪري چڪا آهن هاڻي جاپان ۽ يو اي اي جو نالو به ان لسٽ ۾ شامل ٿي ويو آهي.

بقايا 03 ***

. بجاءِ واري وزير چيو ته عمران نيازي کي اقتدار ۾ آڻي ملڪ کي تباهه ڪرڻ جو تجربو ڪيو ويو. عمران خان کي هڪ ايجنڊا تحت اقتدار ۾ آندو ويو. نئين نسل کي تباهه ڪرڻ بعد عمران نيازي هاڻي چونڊن جا آواز ڏئي رهيو آهي. هن چيو ته عمران خان اوجتو نازل ناهي ٿيو. ڪيس ايجنڊا تحت لانچ ڪيو ويو. پلاننگ ڪندڙن طئي ڪري ڇڏيو هو ته ڪيس رياست تي مڙهڻو آهي. ان جا نتيجا سڀني جي اڳيان آهن. عمران خان هڪ تجربو هو جنهن کي 13_2012ع ۾ لانچ ڪيو ويو هو. اهو غلط ۽ تباهي وارو تجربو هو. خواجا آصف چيو ته ستن اٺن مهينن کان ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته ملڪ کي بيهر پٽڙي تي آندو وڃي. ن ليگ رياست ۽ سياست کي بيهر پنهنجن پيرن تي بيهارڻ جو ذمو کنيو آهي. جنهن نموني نواز شريف ملڪ کي ترقي جي رستي تي آندو هيو اهڙي نموني ملڪ کي بيهر ترقي واري رستي تي آندو ويندو خطاب دوران خواجا آصف چيو ته اسان کي ٽن کان ڇهن سالن تائين جيلن ۾ قيد بند جون سختيون برداشت ڪرڻيون پيون. عمران خان چوندو هو ته برطانيا ۾ انصاف آهي، شهباز شريف کي اتي انصاف مليو هو پي ٽي آءِ حڪومت تي تنقيد ڪندي بجاءِ واري وزير چيو ته هنن انصاف جا رستا بند ڪري ڇڏيا آهن. اسان تي زمينون تنگ ڪيون ويون پر اسان جو رب ڏسي رهيو هو. عمران خان خانه ڪعبه واريون گهڙيون کپائي ڇڏيون. ڪارڪن چون ته خان صاحب وڏو ايماندار آهي پر هي ته وڏو چور نڪتو مرشد ذولفي بخاري ذريعي گهڙيون وڪرو ڪري ڇڏيون. دولت ۽ اقتدار جي هوس جي ڪائي حد ناهي. اهو ڏوهه عمران ۽ سندس ساٿين تي پوندو. خواجا آصف چيو ته عمران خان چوندو هو ته اسيمبليون ٽوڙي ڇڏينداس. ۽ اڃا ڪريو پرويز الاهي تي يقين، سياڻي چوندو ته مون پرويز الاهي تي يقين ڪري غلطي ڪئي.

بقايا 04 ***

سان ڳالهائيندي چيو ته پائيدار امن لاءِ سماجي ۽ اقتصادي ترقي کي يقيني بڻايو ويندو. آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف جنرل عاصم منير پنهنجي دوري جي موقعي تي شهيدن جي يادگار تي فاتحه خواني ڪئي ۽ گلن جي چادر چاڙهي. ڪمانڊ اينڊ اسٽاف ڪاليج ڪوئيٽا ۽ اسڪول آف انفنٽري جو دورو پڻ ڪيو آءِ ايس پي آر موجب ڪوئيٽا پهچڻ تي ڪور ڪمانڊر

ڪوئيٽا ليفٽيننٽ جنرل آصف غفور آرمي چيف جو استقبال ڪيو

بقايا 05 ***

جو افتتاح ڪرڻ بعد تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته ٻوڏ دوران بي گهر ٿيل ماڻهن کي گهر تعمير ڪرائي ڏينداسين وڏي وزير ۽ صوبائي وزير سردار شاهه پاران آرٽس ڪائونسل ڪراچي ۾ پينٽنگس ۽ مجسمن جي نمائش جو افتتاح ڪيو ويو موهن جو دڙو جي کوٽائي جي سئو سالہ جشن جي موقعي تي ٿيل تقريب کي صوبائي وزير سردار شاهه به خطاب ڪيو

بقايا 06 ***

جي پرڏيهي ڪمپنين جي ڪنسورشيم سان عدالت کان ٻاهر سيٽلمينٽ سان لاڳاپيل آهن. هڪ ريڪوڊڪ منصوبي جي ثالثي سان لاڳاپيل آهي.اي سي سي اجلاس جي پڌرائي ۾ چيو ويو ته منصوبي تحت اينٽوفاگاسٽا ڪمپني جا بقايا ادا ڪرڻا آهن.

بقايا 07 ***

. پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي پريس ڪانفرنس تي ردعمل ڏيندي شيري رحمان چيو ته پنجاب جو وڏو وزير چوي ٿو ته مارچ تائين اسيمبليون نه ٽٽنديون. ڪي پي وارا چون ٿا ته ٻهريان پنجاب اسيمبلي ٽوڙيو. شيري رحمان چيو ته عمران خان اسيمبلي ٽوڙڻ کي سياسي ڌمڪي طور استعمال ڪرڻ چاهي ٿو. حڪومت عمران خان جي ڪنهن ڌمڪي ۾ نه ايندي. سياست ۾ ڳالهه ٻول غيرمشروط هوندي آهي. ڳالهين کان اڳ مطالبا ناهن ڪيا ويندا. جيڪڏهن چونڊ فريم ورڪ تي ڳالهيون ڪرڻ چاهيو ٿا ته هاڪاري يوٽرن وٺو ۽ اسيمبلي اچو . وفاقي وزير چيو ته موجودا معاشي حالتن جي ذميوار عمران خان پاڻ آهي. عمران خان حڪومت ۾ هجي ها ته ملڪ ڊيفالٽ تي پهچي ها.

بقايا 08 ***

ٿيندڙ ملاقات ۾ مريم نواز، حسين نواز ۽ حسن نواز به موجود هئا. چوڌري سالڪ اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف جي خيريت معلوم ڪئي ۽ چوڌري شجاعت جو پيغام پهچايو. ملاقات ۾ موجوده ملڪي سياسي ۽ معاشي صورتحال تي ڳالهيون ڪيون ويون ۽ ملڪ کي پيش مسئلن مان نڪرڻ لاءِ مستقبل ۾ به گڏ رهڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

بقايا 09 ***

مقرر ٿيل هو. مقامي پوليس مطابق شروعاتي جاچ ۾ اها ڳالهه سامهون آئي آهي ته قتل جو واقعو ذاتي رنجش لڳي ٿو پر اسان علائقي کي گهيري ۾ وٺي سرچ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 10 ***

ٽريڊ اينڊ انڊسٽري (ڪاٽي) جي صدر فراز الرحمان ڪراچي ايڪسپو سينٽر ۾ جاري 5 ڏينهن واري عالمي ڪتاب ميلي جي دوري دوران صحفين سان ڳالهائيندي ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته هن جديد دور ۾ جتي سمجهيو ويو پئي ته ڪتابن جو رجحان گهٽ ٿي ويو آهي پر ڪتاب ميلي ۾ اچي ايئن نٿو لڳي ته ڪتابن جي اهميت نه رهي آهي. اها ڳالهه سچ آهي ته اسان جون قدرون ۽ تهذيب ۾ سڀ کان وڏو ڪردار ڪتابن جو هو پلي انسان چند تائين پهچي وڃي پر هاڻي به ڪتابن جي اهميت آهي. مان پبليشر اينڊ بڪ سيلرز ايسوسيئيشن کي ڪامياب ڪتاب ميلو منعقد ڪرڻ تي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو هن وڌيڪ چيو ته هڙي قسم جا ميلا سال ۾ 3 يا 4 ڀيرا ضرور ٿين ته جيئن ڪتابن جي شوقين ماڻهن جي اڃ وسامي. هڪ سوال جي جواب ۾ ڪاٽي جي صدر چيو ته پبلشر، قلمڪار ۽ پڙهندڙ جي وچ ۾ هڪ پل جو ڪردار ادا ڪري ٿي جيڪا قوم ڪتاب کان پري ٿي ويندي آهي اها تباهه ٿيويندي آهي. فراز الرحمان وڌيڪ چيو ته هتي اچي ڪري مان حيران ٿي ويو آهيان ته ٻارڙا، وڏا، بزرگ، عورتون هر عمر سان تعلق رکندڙ ماڻهو ڪتابن ۾ دلچسپي وٺي رهيا آهن هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ڊالر جي قدر وڌڻ سان مهانگائي تي اثر پيو آهي سڀني شعبن ۽ شين تي به وڏو اثر پيو آهي. اهڙي طرح ڪتاب به مهانگا ٿي ويا آهن ۽ عام ماڻهوءَ جي پهچ کان پري ٿي رهيا آهن. خدشو آهي ته ڪاغذ جي وڌندڙ قيمتن سبب ڪتاب ڇپجي نه ٿي سگهن ٿا. بطور صدر ڪورنگي ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري ان حوالي سان اسان ان تي آواز کڻنداسين اسان پبلشر اينڊ بڪ سيلرز ايسوسيئيشن سان گڏ آيون ۽ جتي اسان جي ضرورت پئي اسان حاضر هونداسين. ان کان اڳ ڪاٽي جيصدر ڪتاب ميلي جو دورو ڪيو ۽ پنهنجي پسند جا ڪتاب خريد ڪيا.

بقايا 11 ***

آهي. حقيقي تبديلي تڏهن ايندي جڏهن نوجوان پنهنجي حقن لاءِ اٿندا. جڏهن نوجوان جاگيردارن،

وڏيرن، ظالم سرمائيدارن ۽ مافيا مان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪردار ادا ڪندا. هن جو چوڻ هو ته استعمار جي وفادارن ملڪي وقار ۽ خودمختاري کي داءَ تي لڳائي ڇڏيو آهي. پي ڊي ايم ۾ شامل چوڏهن جماعتن به ملڪ ۾ ڪا تبديلي نه آندي. جماعت اسلامي سموري ملڪ ۾ نوجوانن کي اسلامي انقلاب لاءِ منظم ڪري رهي آهي.

بقايا 12 ***

فورسز جي جارحيت تي پاڪستان سرحدي دستن اثرائتو جواب ڏنو پر علائقي ۾ معصوم شهرين کي نشانو بڻائڻ کان پاسو ڪيو آ، ايس پي آر موجب واقعي ڪابل، پاڪستان ڪابل ۾ افغان اختيارين سان به رابطو ڪيو آهي ۽ مستقبل ۾ اهڙي قسم جا واقعا روڪڻ لاءِ سخت قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو آهي. ليويز اختيارين موجب پاڪ افغان بارڊر باب دوستي هر قسم جي اڄ وچ لاءِ بند ڪيو ويو آهي. ٻه طرفو واپار معطل ڪيو ويو آهي ۽ ڪسٽم هائوس کي خالي ڪيو ويو آهي.

بقايا 13 ***

آهن. عورت شنو ماڻهن سان فون تي ڳالهائي دوستي ڪرڻ بعد ويران هنڌ تي گهرائيندي هئي، سندس ساٿي شهرين کي اغوا ڪري رقم وصول ڪندا هئا سي ٽي ڊي انچارج موجب عورت شنو جي گهرائڻ تي هڪ شهري شمائل اتي پهتو ته عورت جي ساٿين پهچي ڪيس اغوا ڪيو جوابدارن پاڻ کي سي ٽي ڊي جا اهلڪار سڏائي شهري کي بليڪ ڪري 2 لک وصول ڪيا، جوابدار بقايا 7 لک رپيا وٺڻ لاءِ پهتا ته ڪين گرفتار ڪيو ويو

بقايا 14 ***

ذريعي ٽوڪريون ملنديون. فيس بڪ تي پنهنجون وڊيوز شيئر ڪري سرمايو ڪمائي سگهندا. شازيه مري چيو ته پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري جي محنت ۽ ڪارڪردگيءَ جو ثمر عوام کي ملڻ شروع ٿي ويندو. بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي ڏاڏي شهيد جي فلسفي تي عمل ڪري رهيو آهي. ۽ ماءُ شهيد شازيه مري چيو ته پاڪستان جو عوام فيس بڪ تي محنت ڪندو. ملڪ کي ان جو ثمر به ملندو

بقايا 15 ***

آهيون جتي شاگردن کي اسان نصابي سرگرمين ڪانسواءِ ڪتاب پڙهڻ جو پڻ موقعي فراهم ڪنداسين اهڙو اظهار ڪالهه اسڪول ايجوڪيشن جي سيڪريٽري غلام اڪبر ڪراچي ايڪسپو سينٽر ۾ جاري 5 ڏينهن واري سترهين عالمي ڪتاب ميلي جي دوري جي دوران صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو. سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن غلام اڪبر لغاري جو وڌيڪ چوڻ هو ته مان ڪتاب ميلي ۾ هر سال ايندو آهيان ۽ هن ڀيري به ڪتاب خريد ڪرڻ لاءِ آيو آهيان. پڙهندڙن سان ملاقات به ٿي ويندي آهي. جيڪي ڪتاب ڪٿي نه ملندا آهن اهي هتان ملي ويندا آهن. هن چيو ته هر شخص ڪتاب نٿو پڙهي پر پڙهڻ وارا اڃا به ڪتاب پڙهي رهيا آهن. يورپ ۾ سڀني کان وڌيڪ ڪتابون ڇپجن ٿيون پر اتي ماڻهن جي آسانيءَ جي لاءِ اليڪٽرانڪ ڪتاب متعارف ٿي چڪا آهن. هڪ سوال جي جاوب ۾ هن چيو ته سرڪاري اسڪولن ۾ قائم پراڻين لائبريرين کي فعال ڪرڻ جي لاءِ پروگرام جوڙيو ويو آهي هاڻي جن به سرڪاري اسڪولن جون نيون عمارتون جُوڙي رهيا آهيان انهن ۾ هڪ هال به جوڙائي رهيا آهيون جن ۾ اسان نصابي سرگرمين ڪانسواءِ ڪتاب به پڙهڻ لاءِ ڏنا ويندا. ان کان اڳ سيڪريٽري عليم غلام اڪبر لغاري ڪتابي نمائش جو دورو ڪيو ۽ ڪتاب خريد ڪيا.

بقايا 16 ***

طرف ڌيان ڏياري ٿي. اهڙن خيالن جو اظهار سنڌ جي گورنر .گورنر هائوس ۾ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي بيورو چيفس جي اعزاز ۾ ڏنل آجياڻي کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي ايڊمنسٽريٽر ڪراچي ڊاڪٽر سيد سيف الرحمان پڻ موجود هو ملاقات ۾ صوبي جي مجموعي سياسي صورتحال، تعميراتي ۽ ترقياتي ڪمن بابت ڪنيل قدمن، شهر قائداعظم ۾ صحت ۽ صفائي جي صورتحال، نئين ايڊمنسٽريٽر مان توقعات تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات ۾ وفاق ۽ سنڌ حڪومتن جي وچ ۾ لاڳاپن، وفاق جي نمائندي جي حيثيت ۾ گورنر جون ذميواريون، عوام ۾ آگاهي پکيڙڻ ۾ ميڊيا جي ڪردار ۽ ٻين معاملن تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. گورنر سنڌ چيو ته ڪراچي اسان سڀني جو آهي، ان جي بهتري لاءِ اسان کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. هن چيو ته الا دين پارڪ جلد شهرين کي جناح پارڪ وانگر تفريحي سهولتون فراهم ڪندو. سپريم ڪورٽ جي حڪم تي ان کي بيهر تعمير ڪيو پيو وڃي. گورنر سنڌ چيو ته ايڊيشنل آءِ جي کي اسٽريٽ

ڪرائم تي ضابطو آڻڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا آهن. ڪامران خان ٽيسوري چيو ته ڪم ڪرڻ لاءِ اختيار نه پر ارادو ۽ نيت ضروري آهي ۽ منهنجو مشن ماڻهن کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ آهي. ٻن مهينن ۾ مون مختلف مکتب فڪر جي عالمن، ڪاروباري برادري ۽ زندگي جي ٻين شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن سان ملاقاتون ڪيون آهن. يونيورسٽين ۽ اسڪولن ۾ استادن ۽ شاگردن سان پڻ مليو آهيان. ڪامران خان ٽيسوري چيو ته اسان کي گڏجي ڪراچي کي ٻيهر روشنين جو شهر بڻائڻ لاءِ عملي ڪم ڪرڻو پوندو. ان سلسلي ۾ اوهان جون تجويزون ۽ رايا تمام ڪارآمد ثابت ٿيندا. اليڪٽرانڪ ميڊيا جي بيورو چيفس گورنر سنڌ جي خيالن جو خيرمقدم ڪيو ۽ ڪيس پرپور سهڪار ڪرڻ جو يقين ڏياريو. هتان اهو پڻ چيو ته سنڌ جي گورنر جو ويزن ڏاڍو شاندار آهي.

بقايا 17 ***

ڇڏيا آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته ڪراچي سينٽرل ضلعي لاءِ فرقان عتاب ۽ اوير ضلعي لاءِ شڪيل احمد جا نالا فائنل ڪيا ويا آهن.ايم ڪيو ايم ڪورنگي ضلعي لاءِ محمد شريف ۽ حيدرآباد لاءِ فاروق خان کي حتمي شڪل ڏني آهي. ذريعن موجب چارئي جڻا ايم ڪيو ايم رابطا ڪميٽي جا ميمبر آهن. چئني جا نالا سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري کي موڪليا ويا آهن. گورنر سنڌ ايم ڪيوايم کان مليل نالا سنڌ جي وڏي وزير کي موڪليندو. هڪ ٻن ڏينهن ۾ چئن ضلعن جي ايڊمنسٽريٽرن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويندو

بقايا 18 ***

ويو سلمان شهباز وڌيڪ چيو ته اين سي اي ۽ ڊيلي ميل جي معذرت سندس منهن زوردار چماٽ آهي

بقايا 19 ***

ماڻهن سميت پاڪستان جي ٻين علائقن ۽ قومن سان ڳانڍاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا. جيريمي پيٽرز جو چوڻ هو ته پاڪستان جي صوبي سنڌ ۾ سنڌي ٻولي کي آفيس جي ٻولي طور قبول ڪيو ويو آهي هن چيو ته ڪراچي ۾ موجود ڪينيڊين قونصل خاني ۽ اسلام آباد ۾ موجود ڪينيڊين سفارتخاني سنڌي کي علائقائي ٻولي به قبول ناهي ڪيو ڪينيڊين پارلياماني ميمبر چيو ته ان وڏي ٻولي کي قبول نه ڪرڻ سان ڪينيڊين قونصل خاني، هاءِ ڪميشن ۽ سنڌي ماڻهن جي وچ واري لاڳاپن ۾ رڪاوٽون آهن. سندس چوڻ هو ته اهڙي عمل کي مٽائڻ جي ضرورت آهي. سنڌي ماڻهو پنهنجي ٻولي ۾ قونصل خاني ۾ خدمتون وٺڻ جو حق رکن ٿا. جيريمي پيٽرز ڪراچي جي ڪينيڊين قونصل خاني ۽ اسلام آباد ۾ پنهنجي ملڪ جي هاءِ ڪميشن کي چيو ته سنڌي ٻولي کي آفيس واري ٻولي قبول ڪيو وڃي ۽ شهرين کي سنڌي ٻولي ۾ به خدمتون ڏنيون وڃن.

بقايا 20 ***

عادل کي قتل جي الزام ۾ گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس اختيارين موجب مقتولا مريم پنهنجي مڙس عادل کان ناراض ٿي پيڪي وئي هئي جڏهن ته سندس مڙس مليرجو رهاڪو آهي ۽ هڪ سيڪيورٽي گارڊ آهي.

بقايا 21 ***

فوت ٿي ويا ۽ عورتن ۽ ٻارڙن سميت 23 ڄڻا زخمي ٿي پيا ڊڪڻ جي مدنجي ناڪي وٽ نوجوان عاطف لولائي ٽريڪٽر تان ڪري چيباٽجي فوت ٿي ويو. حيدرآباد جي لطيف آباد واري علائقي ۾ ڊمپر جي ٽڪر ۾ هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو سجاڳ نه ٿي ڪنڊڪوٽ ۾ وين ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر سبب هڪ ڄڻو فوت ۽ 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا. ڪنب پرسان علي بحر واهه پل وٽ ڪار ڪلٽي ٿي پئي. ٻن ورهين جو عبدالحنان ٽڏي تي فوت ٿي ويو. ٽن عورتن سميت 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا

بقايا 22 ***

ويو ته انهن کي فرق نه پوندو جن جو پئسو ٻاهر پيو هو عمران خان چيو ته پاڪستان ڊفالٽ ڪندو ته پرڏيهي سيڙپڪاري نه ايندي. ملڪ تي مسلط ٽيل ٻن خاندانن معيشت تباهه ڪئي. پي ٽي آءِ چيئرمين چيو ته مان اسٽيبلشمينٽ سميت هر طبقي کان پڇان ٿو ڇا توهان کي ان ڳالهه تي خدشا ناهي ته پاڪستان ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي؟ اهي اسان کي سليڪٽيڊ سڏيندا هئا. هاڻي ڪنهن کي شڪ نه ڪرڻ گهرجي ته چونڊيل ڪير آهي عمران خان چيو ته ملڪ معاشي تباهي طرف وڃي رهيو آهي. رڳو اليڪشن ئي اسان کي هن بحران مان ڪڍي سگهي ٿي. سليمان شهباز به هاڻي بري ڪلين ٿي ويندو. سڀني کي خبر آهي ته جنرل باجوه ڪيس اين آر او 2 ڏنو. پي ٽي آءِ چيئرمين چيو ته مون کي نااهل ڪرڻ لاءِ ڪيس ڳولي رهيا آهيون. اڌارن کي ملڪ جو سوچڻ گهرجي. هن

مهيني اسيمبلي ڇڏي ويندا. ڊسمبر ۾ انشاءَ الله تيار هونداسين. عمران خان چيو ته اڃا تائين ڪا تبديلي نظر نه آئي آهي. نئون آرمي چيف آيو آهي. ڪيس وقت ڏيڻ گهرجي. اسان سندس باري ۾ وڏيون ڳالهيون ٻڌيون آهن. جنرل عاصم جون وڏيون تعريفون ٻڌيون آهن. هو قرآن جو حافظ آهي. اميد آهي جنرل عاصم اسان کي اميد آهي ته هو حڪم تي عمل ڪندا . لاهور(ويب ڊيسڪ) چيئرمين تحريڪ انصاف عمران خان جو چوڻ آهي ته معيشت جي خرابي کي سمجهڻ لاءِ به واقعا ڪافي آهن سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ عمران خان لکيو ته جيڪڏهن ڪو سمجهڻ چاهي ته معيشت تباهي جي حالت ۾ ڇو آهي ته 2 واقعا ڪافي آهن عمران خان لکيو ته 75 سالن جي سينيٽر اعظم سواتي کي حراست ۾ تشدد جو نشانو بڻايو ويو. اعظم سواتي کي سندس پوٽي جي سامهون مارڪٽ ڪئي وئي. گهر جي هڪ حصي کي زبردستي تالا لڳايو ويو. تحريڪ انصاف جي چيئرمين وڌيڪ لکيو ته قانون کي مڪمل طور تي نظرانداز ڪيو پيو وڃي. هڪ صوبي کان ٻئي صوبي ڏانهن ڇڪڻ جو سلسلو جاري آهي جڏهن ته انساني حقن جي ڀڃڪڙي آهي عمران خان لکيو ته اربين جي ڪرپشن ۽ مني لانڊرنگ ۾ ملوث اشتهاري سليمان شهباز کي ڪليئر ڪيو ويو

بقايا 23 ***

هلائڻو آهي. نه پاڪستان کي سياسي استحڪام جي ضرورت آهي ۽ اهو مستحڪم حڪومت کانسواءِ ممڪن ناهي. هن چيو ته جيڪڏهن پي ٽي اير 20 ڊسمبر تائين عام چونڊن جو فارمولو نه آندو ته پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه اسيمبليون ٽوڙي وينديون. پي ٽي آءِ اڳواڻ وڌيڪ چيو ته پنجاب، خيبرپختونخواهه ۾ عام چونڊن جو عمل 20 مارچ کان اڳ مڪمل ڪيو ويندو. هن چيو ته سمورن اتحادين کي اسيمبليون ٽوڙڻ تي مڪمل اعتماد آهي.

بقايا 24 ***

پهتو 22 قيراط هڪ گرام سون 198.60 ريال ۾ دستياب رهيو 21 قيراط هڪ گرام سون جو اگهه 189.57 ريال جڏهن ته 18 قيراط هڪ گرام سون جو اگهه 162.49 ريال ۾ وڪرو ڪيو ويو

بقايا 25 ***

گهريا نه ٻڌي ويا. هن چيو ته ٻوڏ ۾ يا جزوي طور تي نقصان. مان توهان جي همت ۽ جذبي کي سلام پيش ڪريان ٿو نقصانن جي باوجود توهان ٻوڏ رليف آپريشن ۾ شهرين ۽ حڪومت جو ساٿ ڏنو پاڪستان پوليو پروگرام پاران نقصان جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. گذريل اونهاري ۾ پوليو ورڪرز کي نقصان ٿيو جڏهن ٻوڏ سبب 33 ملين ماڻهوءَ ملڪ جو ٽيون حصو پاڻي بيلو هو. مان توهان جي تڪليف کي سمجهان ٿو ۽ ان لاءِ مون نيشنل ايمرجنسي آپريشن سينٽر جي اختيارين کي درخواست ڪئي آهي. اسان جي پوليو ورڪرن کي وڏ کان وڏ معاوضو ڏنو وڃي ڇاڪاڻ ته اسان هن مشڪل وقت ۾ پنهنجن ڪارڪنن کي اڪيلو نه ٿا ڇڏي سگهون. اسان جي پهرين ترجيح هميشه آهي، هن چيو ته پوليو ورڪرز موجود آهن. پاڪستان لاءِ سندن خدمتون بي مثال آهن. نيشنل ايمرجنسي آپريشنز سينٽر جي ڪوآرڊينيٽر ڊاڪٽر شهزاد بيگ چيو ته ٻوڏ متاثرن جي سڃاڻپ ۽ لسٽ ٺاهڻ هڪ وڏو ڪم هو ۽ پوءِ انهن متاثرين ۾ چيڪ ورهائڻ هڪ ڏکيو مرحلو هو. اسان وٽ 350,000 کان وڌيڪ فرنٽ لائن اسٽاف آهي. ٻوڏ جي اثرن جو جائزو وٺڻ لاءِ سمورن صوبن ۾ هڪ وسيع سروي ڪرايو ويو. پوليو پروگرام موجب اٽڪل 12500 پوليو هيلٿ ورڪرز ٻوڏ سبب متاثر ٿيا. جن مان اڪثريت سنڌ ۽ بلوچستان ۾ آهي. هن چيو ته حڪومت سڄي ملڪ ۾ پوليو ورڪرز ۾ اٽڪل 250 ملين رپين جا چيڪ ورهائيندي. پوليو 5 سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن کي متاثر ڪري ٿو. ان مرض سبب ٻار زندگي لاءِ معذور ٿي وڃن ٿا. جيتوڻيڪ ٻار مري ويندا آهن. ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پياري ان موذي مرض کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهجي ٿو پنجن سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پياري هن موذي وائرس جي پکڙجڻ کان بچائي سگهجي ٿو بار بار پوليو جا ڦڙا پيارڻ سبب دنيا جا سمورا ملڪ پوليو کان پاڪ ٿي ويا آهن. پوليو خلاف مهم ۾ ڀرپور حصو وٺڻ اسان سڀني جو قومي فرض آهي.

بقايا 26 ***

ٿي وٺي آهي ڪراچي يونيورسٽي ۾ صبح جي شفٽ جي داخلا لاءِ انٽري ٽيسٽ هڪ ڪلاڪ جي هوندي اهي فارميسي، بي ايڊ ۽ بي ايس پروگرام ۾ داخلا جا خواهشمند شاگرد انٽري ٽيسٽ ۾ حصو وٺي رهيا آهن يونيورسٽي انتظاميا جو

چوڻ آهي ته انٽري ٽيسٽ ۾ 11 هزار کان وڌيڪ اميدوار حصو وٺي رهيا آهن

بقايا 27 ***

جي گهر ۾ گهڙي ڪيس اغوا ڪري ورتو عورت هڪ ڊينٽيسٽ آهي جنهن کي جمعي ڏهاڙي اغوا ڪيو ويو سوشل ميڊيا تي موجود هڪ وڊيو ۾ مردن جي هن هجوم کي زبردستي هڪ گهر ۾ داخل ٿي هڪ عورت کي گهلي ٻاهر ڪيندي ڏسي سگهجي ٿو وري هجوم ان کي ڏنڊن لوهي سيخن سان ڌڪيندي ٿو جڏهن ته ان دوران هجوم ۾ شامل ڪجهه ماڻهو سندس گهر ۽ گاڏي ۾ ڀڃ ڊاهه ڪري ٿو

بقايا 28 ***

ڏينهن جي وقت ۾ موسم خشڪ جڏهن ته رات جو ٿڌ جي شدت ۾ واڌ رو ايندو موسميات کاتي جي اڳڪٿي موجب ساموندي هوائون بند ٿي وينديون جڏهن ته بلوچستان ۽ اترين علائقن کان هوائن جو سلسلو شروع ٿيندو ايندڙ ٽن ڏينهن تائين شهر جو گرمي پد 15 کان 17 ڊگري سينٽي گريڊ رهڻ جو امڪان آهي جڏهن ته اتر سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ صبح جي وقت ۾ ڪوهيڙي جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي

بقايا 29 ***

آر موجب واقعي ڪابل، پاڪستان ڪابل ۾ افغان اختيارين سان به رابطو ڪيو آهي ۽ مستقبل ۾ اهڙي قسم جا واقعا روڪڻ لاءِ سخت قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو آهي. ليويز اختيارين موجب پاڪ افغان بارڊر باب دوستي هر قسم جي اڄ وچ لاءِ بند ڪيو ويو آهي. ٻه طرفو واپار معطل ڪيو ويو آهي ۽ ڪسٽم هائوس کي خالي ڪيو ويو آهي.

بقايا 30 ***

ڪندي رهي آهي. ملڪ جي معيشت کي خراب ٿيڻ ۾ هڪ ڏينهن نه پر ڊگهو عرصو لڳندو آهي. لڳاتار غلطيون ڪرڻ سان معيشت جو اهو حال ٿيو آهي. ملڪ جي اڄ وڌندڙ حالتن تي ڳڻتي ظاهر ڪرڻ سان گڏو گڏ حل به ڳولهڻو پوندو. هن چيو ته ملڪ ۾ اليڪشن ۾ مداخلت نه ٿي ها اڄ ملڪ ۾ اهڙيون حالتون پيدا نه ٿين ها. اڄ تائين ملڪ ۾ شفاف چونڊون نه ٿيون آهن. ايتري قدر جو پنهنجي مرضيءَ جا ماڻهو آندا ويا ۽ گهٽايا ويا. هن چيو ته ٽرٿ ڪميشن نهڻ گهرجي جنهن تحت حقيقي دستاويز نهڻ گهرجن. اسان جي ملڪ ۾ جيڪو ڪجهه ٿئي پيو اهو نظر نه ٿو اچي جيڪا عجيب ڪيفيت آهي. هن چيو ته حالتون سڌارن ۽ معيشت کي بهتر ڪرڻ لاءِ پنج سال لاڳيتو جدوجهد ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته صوبائي حڪومت کي ٽوڙڻ ناڪامي جي علامت هوندي. اهڙي صورت ۾ صوبن ۾ وري اليڪشن ٿي سگهي ٿي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن جو چوڻ هو ته دراصل سياسي پارٽين اندروني طور تي جمهوري نه هونديون آهن ۽ انهن ۾ اليڪشن سان ورهائجي وينديون آهن. هن مريم نواز ۽ اسحاق ڊار کي هڪ خاندان جا ماڻهو هجڻ سبب اهميت ڏيڻ واري سوال تي جواب ڏيندي چيو ته خاندان جو فرد هجڻ جي حيثيت ۾ پارٽي موقعو ڏيندي آهي پر ان کي قائم رکڻ فردن جي ذاتي صلاحيت هوندي آهي. هن چيو ته نواز ليگ قيادت سمجهو ته اسحاق ڊار کي تجربو آهي ان ڪري وڌيڪ ڪم ڪري سگهي ٿو. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته لوڪل گورنمينٽ جا اختيار! غير سرڪاري طور تي اسيمبلي ميمبر استعمال ڪن ٿا جنهن ڪري اهو نظام ناڪام ٿئي ٿو. توڙي جو پرويز مشرف پنهنجي دور ۾ لوڪل گورنمينٽ کي وڏا اختيار ڏنا پوءِ به ناڪام ٿي ويئي. هن چيو ته ملڪ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ جي ضرورت آهي يا صوبن ۾ خودمختيار انتظامي يونٽ ٺاهيا وڃن. هن وڌيڪ چيو ته ايڊمنسٽريشن نظام تبديل ڪرڻ پوندو اهو وڌيڪ هلي نه سگهندو. نيب بابت هن ڳالهائيندي چيو ته ڪابينا به نيب جي ڪري سوچي سمجهي فيصلا ڪري ٿي. آمر پاران بڻايل نيب ملڪ کي وڏو نقصان پهچايو آهي ۽ سڀ حڪومتون هن کي ڳلي لڳايو آهي. صرف نواز شريف آهي جنهن کي نيب نشانو بڻايو جڇن کي به بليڪ ميل ڪيو ويو هن چيو ته نيب جي ڪري ملڪ وڏين مشڪلاتن جي ور چڙهيل آهي. نيب جي ڪري ملڪ ۾ فيصلن جي صلاحيت تباهه ٿي وئي آهي. هن چيو ته نواز شريف جيان ٻين سياستدانن سان به حالت ڪئي وئي ته ڪو به سياستدان نه بچندا. جڏهن ته ايوان خالي ٿي ويندا. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته اسان جو ملڪ زرعي ملڪ هجڻ جي دعويٰ آهي پر هتي ڪڻڪ، چانهه جي پتي، داليون ۽ ٻيون زرعي شيون ٻاهران اچن ٿيون. ان باري ۾ صوبائي حڪومتن کي ڏسڻو پوندو. آزاد صحافت جون ڳالهيون ڪرڻ جي باوجود انتظامي ڪارروائون ٿيڻ واري سوال جي جواب ۾ هن چيو ته جمهوريت ڪمزور هجڻ جي صورت ۾ آزاديءَ صحافت تي اثر پوندا آهن. عمران خان سان ڳجهون ملاقاتن بابت چيو ته ملاقات باري ۾ مونکي خبر ناهي ۽ سياست ۾ ڳجهون ملاقاتون نقصان ڏينديون آهن. شاگرد سياست بابت هن ڳالهائيندي چيو ته دنيا بدلجي وئي آهي ۽ شاگرد سياست تعليم تي اثر انداز ٿئي ٿي پر شاگرد سياست تي پابندي به سٺو عمل ناهي. مشهور بلڊر بابت سوال تي هن چيو ته طاقتور ترين شخص کي ملڪ ۾ رهڻ جو حق ته آهي پر قانون ٽوڙڻ جو حق ناهي. ڪير به ڪاروبار ڪري ملڪيت ٺاهي سگهي ٿو سندس ڪم ۾ خرابي آهي ته انکي درست ڪرڻ گهرجي.

بقايا 31 ***

ٽريڊ اينڊ انڊسٽري (ڪاٽي) جي صدر فراز الرحمان ڪراچي ايڪسپو سينٽر ۾ جاري 5 ڏينهن واري عالمي ڪتاب ميلي جي دوري دوران صحفين سان ڳالهائيندي ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته هن جديد دور ۾ جتي سمجهيو ويو پئي ته ڪتابن جو رجحان گهٽ ٿي ويو آهي پر ڪتاب ميلي ۾ اچي ايئن نٿو لڳي ته ڪتابن جي اهميت نه رهي آهي. اها ڳالهه سچ آهي ته اسان جون قدرون ۽ تهذيب ۾ سڀ کان وڏو ڪردار ڪتابن جو هو پلي انسان چند تائين پهچي وڃي پر هاڻي به ڪتابن جي اهميت آهي. مان پبليشر اينڊ بڪ سيلرز ايسوسيئيشن کي ڪامياب ڪتاب ميلو منعقد ڪرڻ تي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو هن وڌيڪ چيو ته هڙي قسم جا ميلا سال ۾ 3 يا 4 ڀيرا ضرور ٿين ته جيئن ڪتابن جي شوقين ماڻهن جي اڃ وسامي. هڪ سوال جي جواب ۾ ڪاٽي جي صدر چيو ته پبلشر، قلمڪار ۽ پڙهندڙ جي وچ ۾ هڪ پل جو ڪردار ادا ڪري ٿي جيڪا قوم ڪتاب کان پري ٿي ويندي آهي اها تباهه ٿيويندي آهي. فراز الرحمان وڌيڪ چيو ته هتي اچي ڪري مان حيران ٿي ويو آهيان ته ٻارڙا، وڏا، بزرگ، عورتون هر عمر سان تعلق رکندڙ ماڻهو ڪتابن ۾ دلچسپي وٺي رهيا آهن هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ڊالر جي قدر وڌڻ سان مهانگائي تي اثر پيو آهي سڀني شعبن ۽ شين تي به وڏو اثر پيو آهي. اهڙي طرح ڪتاب به مهانگا ٿي ويا آهن ۽ عام ماڻهوءَ جي پهچ کان پري ٿي رهيا آهن. خدشو آهي ته ڪاغذ جي وڌندڙ قيمتن سبب ڪتاب ڇپجي نه ٿي سگهن ٿا. بطور صدر ڪورنگي ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري ان حوالي سان اسان ان تي آواز کڻنداسين اسان پبلشر اينڊ بڪ سيلرز ايسوسيئيشن سان گڏ آيون ۽ جتي اسان جي ضرورت پئي اسان حاضر هونداسين. ان کان اڳ ڪاٽي جيصدر ڪتاب ميلي جو دورو ڪيو ۽ پنهنجي پسند جا ڪتاب خريد ڪيا.

بقايا 32 ***

. بجاءِ واري وزير چيو ته عمران نيازي کي اقتدار ۾ آڻي ملڪ کي تباهه ڪرڻ جو تجربو ڪيو ويو. عمران خان کي هڪ ايجنڊا تحت اقتدار ۾ آندو ويو. نئين نسل کي تباهه ڪرڻ بعد عمران نيازي هاڻي چونڊن جا آواز ڏئي رهيو آهي. هن چيو ته عمران خان اوجتو نازل ناهي ٿيو. ڪيس ايجنڊا تحت لانچ ڪيو ويو. پلاننگ ڪندڙن طئي ڪري ڇڏيو هو ته ڪيس رياست تي مڙهڻو آهي. ان جا نتيجا سڀني جي اڳيان آهن. عمران خان هڪ تجربو هو جنهن کي 13_2012ع ۾ لانچ ڪيو ويو هو. اهو غلط ۽ تباهي وارو تجربو هو. خواجا آصف چيو ته ستن اٺن مهينن کان ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته ملڪ کي بيهر پٽڙي تي آندو وڃي. ن ليگ رياست ۽ سياست کي بيهر پنهنجن پيرن تي بيهارڻ جو ذمو کنيو آهي. جنهن نموني نواز شريف ملڪ کي ترقي جي رستي تي آندو هيو اهڙي نموني ملڪ کي بيهر ترقي واري رستي تي آندو ويندو خطاب دوران خواجا آصف چيو ته اسان کي ٽن کان ڇهن سالن تائين جيلن ۾ قيد بند جون سختيون برداشت ڪرڻيون پيون. عمران خان چوندو هو ته برطانيا ۾ انصاف آهي، شهباز شريف کي اتي انصاف مليو هو پي ٽي آءِ حڪومت تي تنقيد ڪندي بجاءِ واري وزير چيو ته هنن انصاف جا رستا بند ڪري ڇڏيا آهن. اسان تي زمينون تنگ ڪيون ويون پر اسان جو رب ڏسي رهيو هو. عمران خان خانه ڪعبه واريون گهڙيون کپائي ڇڏيون. ڪارڪن چون ته خان صاحب وڏو ايماندار آهي پر هي ته وڏو چور نڪتو مرشد ذولفي بخاري ذريعي گهڙيون وڪرو ڪري ڇڏيون. دولت ۽ اقتدار جي هوس جي ڪائي حد ناهي. اهو ڏوهه عمران ۽ سندس ساٿين تي پوندو. خواجا آصف چيو ته عمران خان چوندو هو ته اسيمبليون ٽوڙي ڇڏينداس. ۽ اڃا ڪريو پرويز الاهي تي يقين، سياڻي چوندو ته مون پرويز الاهي تي يقين ڪري غلطي ڪئي.

بقايا 33 ***

جي پرڏيهي ڪمپنين جي ڪنسورشيم سان عدالت کان ٻاهر سيٽلمينٽ سان لاڳاپيل آهن. هڪ ريڪوڊڪ منصوبي جي ثالثي سان لاڳاپيل آهي.اي سي سي اجلاس جي پڌرائي ۾ چيو ويو ته منصوبي تحت اينٽوفاگاسٽا ڪمپني جا بقايا ادا ڪرڻا آهن.

بقايا سنڌيار 01

جنهن مان هن کي هڪ نياڻي جو اولاد پڻ آهي ۽ ڪجھ ڏينهن اڳ منهنجي ننهن کي برادري ۾ شادي جي پروگرام بهاني گهران وٺي ويا ۽ هن وقت طلاق وٺڻ لاءِ دٻاءُ وجهي رهيا آهن ـ سنڌس وڏيڪ چوڻ آهي تہ منهنجو پاءُ اڳ ۾ بہ پنهنجي نياڻي جيڪا منهنجي پٽ جي سس پڻ آهي ان جا چار نڪاح ڪرايي چڪو آهي ۽ منهنجي پاءُ جو پيشو رهيو آهي هڪ هنڌ نڪاح ڪرايي وري اتان چند پيسن عيوض طلاق وٺي ٻيي هنڌ ڪرايندو رهيو آهي ۽ هاڻي اسان سان بہ ساڳيو ورتاءُ ڪرڻ لڳو آهي جيڪو اسان ڪنهن صورت ۾ نٿا چاهيون. سنڌس وڏيڪ چوڻ هيو تہ منهنجي پوٽي هن وقت بہ منهنجي پاءُ وٽ آهي ۽ منهنجي ننهن بہ هن وٽ آهي ـ جيڪي ڪراچي ۾ رهايش پزير آهن پر موجوده وقت ۾ بار بار جڳهيون تبديل ڪندا رهن ٿا ـ هن مطالبو ڪندي چيو آهي تہ هن فراڊي گروھ خلاف قدم کڻي کين سخت کان سخت سزا ڏيي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 02

پلي ڪارڊ کڻي ڪميونٽي سينٽر کان نيشنل پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو. ٻوڙي پوليس خلاف چٽي نعريبازي ڪئي! ايس ايچ او ٻوڙي هٽايو، وياجي پوليس اهلڪار کي گرفتار ڪريو جي نعريبازي ڪئي تفصيل موجب. خيرپورناٿن شاھ ۾ ڳوٺ ٻڻي واسي ملاح برادري پاران ٻوڙي پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو. ڳوٺاڻن محمد حسين ملاح. انور ملاح. خادم ملاح. علي مرتضيٰ ملاح. شاهن ملاح ٻين جي اڳواڻي ۾ پلي ڪارڊ کڻي ڪميونٽي سينٽر کان نيشنل پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو. ٻوڙي پوليس خلاف چٽي نعريبازي ڪئي! ايس ايچ او ٻوڙي هٽايو، وياجي پوليس اهلڪار کي گرفتار ڪريو جي نعريبازي ڪئي .ان موقعي تي مظاهرين جو چوڻ هو تہ وياجي پوليس اهلڪار عبدالرسول سولنگي قاتلاڻو حملو ڪيو جنهن ۾ محمد حسين ملاح معجزاني طور بچي ويو. ٻوڙي ٿاڻي تي اهڙو ڪيس داخل ڪيو سين تہ ايس ايچ او ۽ وڏو منشي 60 هزار روپين جي رشوت بہ ورتي ۽ پٽي پائي جو خيال رکندي قاتلاڻي حملي بدران هنگامي جا قلم شامل ڪيا ۽ ڪيس گرفتار بہ نہ ڪيو ويو. پوليس اهلڪار ڌوهارين ماڻهن کان موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. هنن آئي جي سنڌ. ڊي آئي جي حيدرآباد. ايس ايس پي دادو ۽ وس وارن اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ موتمار ڌمڪيون ڏيندڙ وياجي پوليس اهلڪار عبدالرسول سولنگي خلاف قانوني قدم کڻي اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 03

سئوٽ جوابدار عرس آرائين کي گرفتار ڪري دادو جي بي سيڪشن پوليس حوالي ڪيو ياد رهي تہ 11 مهينا اڳ عورت امينا آرائين جو گهر ۾ ڦاهو ڏنل لاش هٿ آيو هو پوسٽ مارٽم رپورٽ مان زهر ڏئي مارڻ جي تصديق ٿي هئي مقتول عورت امينا آرائين جي مڙس عرفان ڪوسو پاران بي سيڪشن ٿاڻي تي سنڌس سهري پانڌي خان ۽ جوابدار عرس تي قتل ڪيس داخل ڪرايو هو گرفتار جوابدار کي دادو جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 04

ميڊيا کي ٻڌايو تہ منهنجو اڳم 2 ۽ هاڻي 3 دفعو دڪان جي ڇت پٽي آهي مونسا ظلم آهي هن ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد کي اپيل ڪئي تہ چورن کي گرفتار ڪري ڦيل چوري واپس ڪرائي وڃي نہ تہ احتجاج ڪنداسين

بقايا سنڌيار 05

۽ جو نهيل ڪمرو ڊهي پٽ پئجي ويو هو جيڪو هاڻي ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت ٻيهر تعمير ڪرايو آهي جنهن ۾ وڏو هٽ هيلٽ پروفيشنل پيراميڊڪس سنڌ جي اڳواڻ خادم حسين مستوئي جو آهي ڳوٺاڻن صحت کاتي جي اعليٰ عملدارن کي اپيل ڪئي آهي تہ هن ڏورانهين علائقي جي ڳوٺ پنهل خان مستوئي کي صحت جون بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن

بقايا سنڌيار 06

2022 جي بادي جو مدو پورو ٿيڻ تي بادي ختم ڪئي وئي ۽ نئي اليڪشن لاءِ 3 رڪني ڪاميٽي تشڪيل ڏني وئي، خبر موجب سرحد پريس ڪلب سرحد جي سال 2022 جي جنرل باڊي جو اجلاس سرحد پريس ڪلب سرحد جي صدر حاڪم خان ابڙو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو جنهن ۾ پريس ڪلب جي عهديدارن شرڪت ڪئي ان کان پوءِ اتفاقي راءِ سان سال 2022 جي باڊي ختم ڪئي وئي جنهن کان پوءِ اعتماد ڪندي 2023 جي نئي اليڪشن لاءِ 3رڪني ڪاميٽي ناهي وئي جنهن ۾ اليڪشن ڪمشنر سينئر صحافي تاج محمد ٽانوري کي مقرر ڪيو ويو ۽ ميمبر سينئر صحافي شفيع محمد ابڙو ۽ ڪاشف ڦلپوٽو کي چونڊيو ويو جڏهن تہ سرحد پريس ڪلب سرحد جي سال 2023 شيڊول جاري ڪندي نئي باڊي جي چونڊ 24 ڊسمبر بروز ڇنڇر تي ڪرائي ويندي،

بقايا سنڌيار 07

ڪيو ويو ان موقعي تي ڪارڪنن امن ڪرايو ۽ ڏاڙيل ڪلچر خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي جسقم ضلع صدر فقير رمضان ڪلوڙ مير حسن لاشاري محمد حنيف پتافي چيو تہ ضلع گهوٽڪي ۾ ڏاڙيل راج سبب بدامني عروج تي پهچي وئي آهي ۽ امن تباھ ٿي رهيو آهي. هنن چيو تہ رائونتي جي ڪچي ۾ ڏاڙيلن معصوم ٻار سان زنا ڪري وڊيو وائرل ڪئي آهي پر پوليس کي گهرجي تہ جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري گرفتار ڪيو وڃي هنن چيو تہ ڪجھ هفتا اڳ رائونتي جي ڪچي ۾ ڏاڙيلن 5 پوليس آفيسرن کي شهيد ڪيو پر انهن خلاف موثر ڪاروائي نہ ٿي جنهن جي ڪري ڏاڙيل راج جو نيٽ ورڪ ٽٽڻ بدران مظبوط ٿي رهيو آهي هنن آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ کان مطالبو ڪيو تہ ضلع گهوٽڪي ۾ تارگيٽ آپريشن ڪري ڏاڙيل راج ختم ڪري ضلع گهوٽڪي ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 08

مسئلو حل نہ ٿيو تہ گئس ڪمپني جي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو محمد يوسف تفصيل موجب ,گڏاپ جي سهراب ڳوٺ جي مختلف وسندين لاسي ڳوٺ ,خدابخش ڳوٺ ,برفت محلہ ,احمد جمال,ايوب ڳوٺ صيفل ڳوٺ ,نورخان ڳوٺ سميت ڪيترين وسندين ۾ گذريل انن مهينن کان گئس جي لوڊشيڊنگ ۽ مزڪوره آبادين پاڻي نہ هئڻ خلاف جماعت ۽ رهواسين پاران امير جماعت اسلامي شمالي محمد يوسف ,ناظم علائقہ سهراب ڳوٺ ٽائون فيصل جميل ,عبدالستار برفت ,محمد ارشد احمد,علي بابا پنهور,گل حسن پنهور,غلام سرور پنهور, مبارڪ برفت,نعمان جدون ,مصفياج الدين ,ممتاز تنيو,شاهد الله ,نبي بخشبرفت ۽ ٻين علائقہ معززين ۽ ٻين زميندارن هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي بسم الله چوڪ کان ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪندي لاسي ڳوٺ جي پٽائي چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو تہ گئس ڪمپني جي نااهلي سبب گذريل انن مهينن کان گئس ۽ پاڻي نہ هئڻ سبب خلق خدا پريشان آهي هنن چيو تہ جمع تائين مزڪوره وسندين جو مسئلو حل نہ ٿيو تہ ايندڙ سومر تي گئس ڪمپني جي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو ۽ گئس جي فراهم يقين بنائڻ تائين احتجاج جاري رکيو ويندو.

بقايا سنڌيار 09

۽ حل نہ ٿيندڙ مسئلن خاص طور تي تازو برساتن بعد ڊوري ۾ ڇوڙ ڪيل پاڻي جنهن سان قاضي احمد ۽ آس پاس جي ڳوٺن ۾ آيل تباهي جنهن ۾ آيل پاڻي سبب 3 لک ماڻهو متاثر ٿيا ۽ شهر جي تباھ ٿيل ڊرينج ڊراما سينٽر جمال شاھ کان ڳوٺ سومر جو ڪيو تائين ڳوٺ گهٽي کان بجل ڪنير تائين روڊ انجمن کان ڳوٺ ڪوٽ ڪريم تائين جمال شاھ ۽ پڊ روڊ کي پاڻ ۾ ملائڻ شهر جي مال پڙي روڊ ناز هوٽل کان لاڪات لنڪ روڊ سان ملائڻ قاضي احمد ۾ نياڻين لاءِ ڪاليج نہ هجڻ ملواھ شاخ ۾ پاڻي ڪوٽ ۽ مڪمل پڪي نہ ٿيڻ سميت ٻين مسئلن کان آگاھ ڪيو جتي ايم پي اي علي حسن زرداري يقين ڏياريو تہ جلد ۾ جلد چندا سنگ کان ميڪاري تائين برسات وارو نالو ٺاهيو ويندو ان لاءِ سنڌ حڪومت پيسا رکيا آهن ۽ شهر جي نيڪال وارو ڪم جلد ڪرايو ويندو ۽ لنڪ روڊن جو ڪم پڻ شروع ٿيندو هن چيو تہ جلد قاضي احمد ناز باغ ۾ عوامي جلسو ڪيو ويندو جنهن ۾ سمورن ننڍن وڏن مسئلن کي حل ڪري اهي ڪم مڪمل ڪرايا

وينڊا هن چيو مون کي خبر آهي تہ ناز باغ ۽ قاضي احمد جي انڙ خاندان سدائين شهر جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪيا اٿن ناز باغ وارن سدائين محبتون ڏنيون آهن هن سان گڏ سکر برائج جو چيف انجنيئر سيد سردار علي شاھ رئيس جام ذوالفقار علي خان انڙ جو مينجر محمود خان جوکيو ۽ ٻيا گڏ هئا

بقايا سنڌيار 10

هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ مان رئيس سرفراز لنڊ ڏانهن ڏانهن ڪٽي ويس جنهن جي گهرائڻ باوجود هو اتي نہ آيو ۽ هن مون تي ڪراچي پوليس ڊپارٽمينٽ ايس آر پي ۾ هئڻ ڪري هن مون تي آن لائن ڪمپلين درج ڪرائي جيڪو نوٽيس مونکي ڊي ايس پي آفيس مان مون کي مليو جنهن بعد مان ڊي ايس پي آفيس بيان ڏيڻ لاءِ ويس تہ اتي بہ هن پوليس آفيسر اڳيان مون سان نازيبا لفظ ڳالهايا ۽ مون کي موت مار ڌمڪيون ڏئي هليو ويو مان پنهنجي تحفظ خاطر هن مثان اين سي داخل ڪرائي پر دادو پوليس پنهنجي پٽي پائي کي ڪجھ ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي هن مطالبو ڪيو آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي دادو ۽ سيشن جج دادو کي منهنجي هن معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي عبدالحڪيم ولد محمد هاشم جيڪو پوليس ڊپارٽمينٽ ايس آر پي ۾ اهلڪار آهي جنهن مان مون کي ۽ منهنجي شادي شده ڌيءَ کي جاني خطرو آهي اگر اسان مان ڪنهن کي بہ ڪو جاني نقصان ٿيو تہ ان ذميوار عبدالحڪيم لنڊ هوندو

بقايا سنڌيار 11

چوري جي هي ٻي واردات ٿي آهي ان کان اڳ ۾ پڻ مين روڊ تي لنجار پيسٽي سائيڊ جي دوڪان کي ڪاٽ هڻي ٻہ لک روپيہ روڪ چوري ڪري ويا هئا پوليس هينئر تائين ڪک پيجي هيٽو ناهي ڪري سگهي نہ ئي گرفتاري ڪئي وئي آهي ۽ نہ ئي ڪا رڪوري ٿي سگهي آهي اهڙي بد امني ۽ لاقانونيت جي صورتحال ۾ هتان جا رهواسي ٻٽي عذاب ۾ مبتلا آهن ڪاروباري ۽ دوڪاندار سخت تڪليفن ۽ پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ پنهنجو ڪاروبار بند ڪري ڪراچي حيدرآباد وڃڻ لاءِ سوچي رهيا آهن پوليس خاموش آهي انتظاميا ۽ لاڳاپيل ادارن کي نيوجتوئي جي هن اهم مسئلي تي نوٽيس وٺي ڪو عوام دوست پوليس آفيسر مقرر ڪري عوام جي قيمتي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بنايو وڃي

بقايا سنڌيار 12

غلام جوکيو ۽ ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ان موقعي تي مهمانن ڳالهائيندي چيو تہ منهنجي ڳوٺاڻي تنظيم سنڌي ثقافتي راند ملاڪڙي جو اهتمام ڪيو آئون انهن کي جس ٿو ڏيان جنهن ۾ اعجاز حنيف خاصخيلي عنايت قمبراڻي جي ٽيم کي شاباس هجي جن ثقافت زنده رکي ملير جي ماروئڙن کي تفريح ڏني سنڌي قومي راند ملاڪڙي اهميت ڏيڻ سان ملہ پهلوانن کي پزيرائي ملي ٿي مهمانن کي سنڌي ثقافتي اجرڪن جي تحفا ڏيئي سنڌن شاندار استقبال ڪيو ويو ۽ عزت سان نوازيو ويو آخر ۾ ڪٽيل ملہ پهلوانن کي انعام ڏنا ويا

بقايا سنڌيار 13

سياسي سماجي اڳواڻن صحافين ۽ وڏي انگ ۾ سنڌس پرستارن جي شرڪت ان موقعي تي سنڌس فرزند حاجي احمد نواز پيرٽ ظهير احمد پنهور نثار احمد سومرو ۽ ٻين چيو تہ مرحوم عندالحق پيرٽ جو خال پرجڻ تمام ڏکيو آهي هن سدائين اصولن جي سياست ۽ غريبن ماروئڙن جي خدمت ۾ يقين رکيو هنن چيو تہ علائقي واسين سان هر ڏک سک ۾ گڏ بيٺل هوندو هئو سنڌس ڪيل خدمت کي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهجي ان موقعي تي سنڌس روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ قرآن خواني ۽ خيرات جو بندوبست پڻ ڪيو ويو هئو

بقايا سنڌيار 14

، سوشل ورڪر احمد سنڌي ڪامريڊ آفتاب گاڏهي، ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ خيرپور ناٿن شاھ جي ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ ڪميونٽي سينٽر کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪيي احتجاج ڪيو ويو تفصيل موجب....خيرپور ناٿن شاھ ۾ دادو سوشل فورم جي اڳواڻن شاهد حميد پنهور، مجيب الرحمن پنهور، ميرخان ٻهر محل ايڪشن ڪميٽي اڳواڻن سلطان احمد پنهور، اظهر گاڏهي، پورهيت مزاحمت اڳواڻ اسد نظام چانديو، سوشل ورڪر احمد سنڌي ڪامريڊ آفتاب گاڏهي، ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ خيرپور ناٿن شاھ جي ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ ڪميونٽي سينٽر کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪيي احتجاج ڪيو وڃو هٽرادو ٻوڏ سبب پورو ظلعو متاثر ٿيو آهي جڏهن تہ خيرپور ناٿن شاھ جي ميرخان ٻهر محل سميت پورو شهر ۽ تعلقو لاوارث لڳو پيو آهي ۽ ضلعي ۽ پنجاھ کان مٿي ڪم ڪندڙ انجيوز جن کي متاثرن جي امداد لاءِ اربين روپين جا فنڊ ڏنا ويا آهن اهي پنهنجي من پسندي ۽ ڪرپشن ڪري رهيا آهن ۽ خيرپور ناٿن شاھ ۾ هڪ اڌ انجيوز جيڪا ڪم ڪري رهي آهي اها بہ مختصر ۽ من پسند ڳوٺن ۾ ڪم ڪري رهي آهي ان ڪري انهن انجيوز کي هٽائي غريب ٻوڏ متاثرن جي سهائتا ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 15

پاران ڪيس مبارڪون ڏنيون ڪيس گلن جا هار پارايا مٺائي ورهائي وئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي خليفي عبدالجبار سوهو چيو تہ مان بابا سائين جن جو تمام ڳهڻو ٿورائتو آهيان مان ڪوشش ڪندس تہ پنهنجي ذميواري بهترين نموني نڀائيندس. ۽سوهو برادري سميت علائقي جي غريب مسڪين ماڻهن جي خدمت ڪندس

بقايا سنڌيار 16

ڪري ورتا ,ميڊيا ٽيم جي اچڻ جو اطلاع ملڻ تي ايريگيشن کاتي جا رڪوالا واقعي واري هنڌ تان کسڪي ويا, رات جي وقت چوري ڪٽيل قيمتي ڪاٺ ٽاري جا رهجي ويل ٽڙ ۽ پڇڙ پوليس هٿ ڪري ورتا, علائقي جي معززين ۽ ميڊيا ٽيم سلطانپور جي ڪوريج بعد سلطانپور ڪينٽ پوليس حرڪت ۾ اچي وئي ,ڪاٺ چوري ڪرائڻ جي الزام هيٺ آيل داروغو ۽ شاخ جي بيلدار شبير ناپر جي گرفتاري لاءِ سنڌن ڳوٺن ۾ چڙهايون ڪيون ويون ,رڪوالا گرفتاري جي اطلاع ملڻ تي فون نمبر بند ڪري کسڪي ويا اهڙي عمل کان پوءِ سلطانپور ڪينٽ ٿاڻي جي ايس ايچ او محمد سليم ڪولاچي ايريگيشن کاتي جي بالا آفيسرن سان رابطو ڪيو جن ڪاٺ چوري ڪندڙ جوابدارن جي ڳولها ۽ الزام هيٺ آيل عملدارن خلاف انڪوائري ڪرڻ جي خاطري ڪرائي ٻئي پاسي ايريگيشن کاتي جي عملدارن جو ڪاٺ چوري وڪرو ڪرڻ جي الزام بابت موقف پڇڻ لاءِ عوامي آواز اخبار ٽيم پاران ايريگيشن کاتي جي ذميوار آفيسر انجنيئر انور سومرو سان رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ليڪن فون ڪال اٽينڊ نہ ڪيائين , ياد رهي تہ ان کان اڳ ۾ قاضي واھ شاخ تان ڪيترائي قيمتي وڻ رات جي پيٽ ۾ چوري ڪٽجي چڪا آهنس21

بقايا سنڌيار 17

ماڻهوَ کي هڪ هڪ ڪٽڪ جي ٻج جو ڪٽو ڏنو ويو جنهن ۾ جامڙا برادريَ چانديا برادريَ ۽ ٻين ڪيترن ئي برادرين جا ماڻهون شامل آهن هوڏانهن غلام رسول جامڙو صحافين سان ڳالهائيندي چئيو آهي تہ جمن صاحب جي ڪوشش سان هاري ماڻهن کي ڪٽڪ جو ٻج پڻ ڏنو وڃي ٿو متاثرن جو چوڻ هيو تہ اسان چاچا محمد جمن جامڙو کي سلام پيش ٿا ڪريون جن هن ڏکيي وقت ۾ اسلام آباد کان اچي پنهنجو قيمتي تايم ڪڍي اسان مسڪين ماروئڙن جي سار لڌي ۽ اسان جي مالڪي ڪئي آهي اسين سيئي ڳوٺ وارا دعاگو آهيون تہ مولا جمن صاحب کي وڏي جمار ڏيي تہ جيئن هميشہ غريبن جي مدد ڪندو رهي.

بقايا سنڌيار 18

بخش بڪ، سماجي اڳواڻ سيد خدا ڏنو شاھ، انڊيجينئس رائيٽس الائنس اڳواڻ حنيف دلمراد، نيشنل پارٽي ملير جي اڳواڻ اسلم بلوچ ۽ ٻين چيو تہ يوسف مستي خان عوامي حقن جو طاقتور آواز هو يوسف مستي خان سنڌ بلوچستان سان ٿيندڙ زيادتين خلاف هميشہ پنهنجو چٽو موقف رکيو ۽ سچي جمارپنهنجي اصولن تي ڪار بند رهيو يوسف مستي سنڌي بلوچن سان گڏ سيني محڪوم قومن تي ٿيندڙ جبر خلاف بہ جدوجهد ڪئي يوسف مستي خان انڊيجينس رائيٽس الائنس جي پليٽ فارم تان بحريا ٽائون سميت سنڌ جي زمين تي ناجائز والار خلاف 8 سالن تائين مسلسل جدوجهد ڪئي ۽ ملير ۾ عوامي مزاحمت کي وڏيڪ سگهارو ڪيو اڳواڻن چيو تہ پرويز مشرف، ملڪ رياض يوسف مستي خان کي وڏيون آڇون ڪيون پر هن سمورين آڇون رد ڪري ڇڏيون پاڻ هميشہ پنهنجي اصولن تي ڪار بند رهيو سنڌ ڊسيل واٽ تي هلي مظلوم محڪوم قومن لاءِ جدوجهد جاري رکي ويندي

بقايا سنڌيار 19

ايڊووڪيٽ محمد اياز مري 336 ووٽ کڻي صدر چونڊجي ويو جڏهن تہ سنڌس مخالف اميدوار ابرار علي چانڊيو صرف 93 ووٽ کڻي سگهيو جڏهن تہ جنرل سيڪريٽري جي سيٽ تي يونائيٽڊ پينل جو شوڪت علي ٻوهيو 260 ووٽ کڻي ڪامياب جڏهن تہ امر امتياز ميمڻ 168 ووٽ کڻي ٻئي نمبر تي رهيو ان کان علاوه شڪيل احمد جوکيو 237, جوائنٽ سيڪريٽري تي نعيم خان لوهاڻو خزاني/ مالياتي سيڪريٽري علي رضا خانزاده سميت ٻين ميمبر پڻ ڪامياب ماڻي هوڏانهن شهرين سياسي سماجي ڌرين سميت صحافين پڻ ضلع ٻار ڪائونسل جي چونڊجي آيل سيني عهديدارن کي مبارڪ باد ڏيندي اها اميد رکي آهي تہ نوان چونڊيل عهديدار شهر جي ڀلائي ۽ مظلوم ماڻهن کي ڪورٽن مان انصاف ڏيارڻ لاءِ پنهنجو ايمانداري سان ڪردار ادا ڪندا

بقايا سنڌيار 20

پنڊ کي گاڏي گاهيندي چوڪيداريڪڙ ورتو جنهن کي گاڏي جي مالڪن جي حوالي ڪيو جنهن بعد ان چابي چور کي پوليس جي حوالي ڪيو ليڪن اجان تان پوليس ان کي ظاهر نہ ڪيو آهي سان تعلقہ اسپتال ۾ نامعلوم چورن اسپتال اندران بينظير انڪم اسپورٽ نشونما پروگرام تحت غريب عورتن کي ملڻ واري دوائون جا 14 ڪارٽن ۽ اسپتال اندر لڳل سولر بيٽريون سميت ڪيترو ئي قيمتي سامان کڻي فرار ٿي ويا اجا تائين قاضي احمد انتظاميان ڪابہ ڪاروائي نہ ڪئي آهي

بقايا سنڌيار 21

فصل وري تباهي ٿيڻ جي ڪناري تي ڳوٺاڻن ڳوٺ حاجي غازي خان چنو، ڳوٺ رئيس غلام عباس چنو، ڳوٺ عبدالرحمان چنو، ڳوٺ ملان لاکيڏنو منگهياڻي جي رهواسين نيازل چنو سائي رکيو چنو عزن چنو رجب چانڊيو محمد حنيف چانڊيو عبدالوحيد چانڊيو ۽ ٻين چيو تہ گذريل ٻوڏ ۽ برساتن ۾ اسان کي هٽ وٺي سم نالن کي رڪاوٽون ڏئي سم نالن ۽ شاخن کي ڪٽ ڏياري اسان جي فيصلن ۽ ڳوٺن کي ٻوڙايو ويو جنهن ۾ اسان جو سارين جو تيار فصل ٻڏي ويو ان سان گڏ اسان جا ڳوٺ پڻ ٻڏي ويا جنهن سبب اسان کي لکين روپين جو نقصان پهتو ان کان علاوه ڪافي تائم ٻي گهر ٿي وياسين پر انتظاميہ هن وقت تائين اسان جي ڪنهن بہ قسم جي سهائتا نہ ڪئي نہ وري ڪو چونڊيل نمائندو اسان وٽ لڙي آيو هن وقت اسان جا ڳوٺ ۽ زمينون پاڻمرادو سڪي ويون آهن ۽ هاڻي اسان پنهنجي ڳوٺن ۾ واپس اچي ڪليل آسمان هيٺ ويٺل آهيون ۽ پنهنجي زمينن ۾ ڪٽڪ ۽ سرنهن جو فصل ڪيو آهي جنهن کي هن وقت پيو پاڻ ڏئي چڪا آهيون، پر انتظاميہ جي نااهلي سبب هن وقت اسان کي خدشو آهي تہ پنا شاخ کي لڳل ڪٽ هن وقت تائين بند ناهن ڪيا ويا ۽ هاڻي فصلن کي ڪٽڪ جي پاڻي جي بہ ضرورت آهي ۽ انقريب ڪجھ ڏينهن ۾ سرءُ جي فصل جو پاڻي شاخن ۾ اچڻ وارو آهي جنهن سبب پنا شاخ جا ڪٽ هڪ دفعو ٻيهر اسان جا ڳوٺ ۽ فصل ٻوڙي سگهن ٿا هنن مطالبو ڪندي تمام وس وارن سپريم ڪورٽ آف پاڪستان. چيف آف آرمي ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي تہ نوٽيس وٺي پنا شاخ جا لڳل ڪٽ بند ڪرائي تمام ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان جي ڳوٺن ۽ فصلن کي هڪ دفعو ٻيهر ٻوڙڻ کان بچايو وڃي ۽ اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 22

حملو ڪري گهرن ۾ داخل ٿي فائرنگ ڪرڻ بعد گهرن جي پنج دراهہ ۽ ڪهاڙين سان حملو ڪري تنويز ڪمبوه فداحسين ڪمبو هسليمان ڪمبوه ۽ عورتن مان مسمات رابيہ مسمات برڪت مسمات حليما کي سخت زخمي ڪري وڌو زخمين مان 3 عورتن کي رحيميار ريفر ڪيو ويو آهي جڏهن تہ باقي سليمان ڪمبوه فداحسين ڪمبوه گهر ۾ پيل آهن جن کي علاج ڪرائڻ لاءِ بہ وجڻ ناهي ڏنو يو ڪمبوه برادري عورتن ۽ ٻارڙن ايس ايس پي گهوٽڪي کان نوٽس وٺڻ جو مطالبو ڪندي گهر ڪئي تہ باااثر جوابدان خلاف سخت قدم کڻي اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ اسان جي قبضي ٿيل زمين مان قبضو ختم ڪرائي زمين اسان جي حوالي ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 23

هدايت ڪئي آهي تہ ضلعي مان پاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ ۽ من پسند اڳهہ تي وڪري جا اطلاع ملي رهيا آهن، اهڙي صورتحال ۾ ڪجھ ڦوتون پاڻ جو ذخيرو ڪري فائدو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن پيون، ربيع جي فصل دوران پاڻ جي وڌندڙ کوٽ سبب آبادگار پريشان ۽ سراپا احتجاج آهن ان سلسلي ۾ وڏيڪ صورتحال پيچيده ٿي سگهي ٿي. انڪري آبادگارن جي پريشان دور ڪرڻ خاطر پاڻ ڪارخانن پاران ضلعي جي ڊيلرن کي ملندڙ پاڻ جي ڪوٽا بابت انگ اکر سوشل ميڊيا ذريعي پبلڪ ڪيا وڃن تہ جيئن آبادگارن کي معلومات ملي سگهي جڏهن تہ لاڳاپيل اسسٽنٽ ڪمشنرن کي پڻ آگاھ ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 24

شعبان علي ملاح ، ۽ ڪي ڪي ڊيرو وچ م مقابلو ٿيو، ٻئي طرف جنرل سيڪريٽري جي سيٽ تي مختيار ڪوڪر ۽ شاهد جمالي جي وچ ۾ مقابلو ٿيو ,جڏهن تہ ٽوٽل ووٽ 42 هئا جنهن مان صدارتي سيٽ تي بيٺل اميدوار شعبان ملاح 17 ووٽ حاصل ڪيا ۽ ڪي ڪي ڊيرو 25 ووٽ کڻي صدارتي سيٽ تي ڪاميابي ماڻي ورتي ، ٻئي طرف جنرل سيڪريٽري جي سيٽ تي بيٺل اميدوار شاهد جمالي 20 ووٽ حاصل ڪيا مقابلي ۾ بيٺل اميدوار مختيار ڪوڪر 22 ووٽ کڻي جنرل سيڪريٽري جي سيٽ تي ڪاميابي ماڻي ورتي آهي

بقايا سنڌيار 25

هتان جا آفيسر اسان جو جوائننگ ڊيٽا بيس اجان تايين صحيح ڪري سيڪريٽري آفيس ناهي موڪليو جنهن جي ڪري پگهارون ٿيڻ ۾ رڪاوٽ آهي خبر ناهي اسان جا بالا آفيسر اجان تايين ڊيٽا بيس کي پنهنجي ضلعي مان چو موڪلي ناهن سگهيا خاص ڪري جوهي تعلقي جو JESTاستادن ۽ تمام PSTاستادن جو ڊيٽا بيس رهيو پيو آهي پگهارون نہ ملڻ ڪري سوين استاد معاشي طور ڦاڪاڪشي کي منهن ڏين پيا جڏهن تہ گهر کان ڪيترايي ڪلوميٽر پري اسڪولن ۾ ڊيوٽون ڪرڻ لاءِ پڻ پريشان آهن ۽ آخر ۾ استادن پنهنجي بالا آفيسرن، تعليم کاتي وزير ۽ سيڪريٽري کي مطالبو ڪيو تہ اسان جو دادو ضلعي مان ڊيٽا بيس مٽي موو ڪرايي پروسيس کي مڪمل ڪري پگهارون جاري ڪيون وڃن نہ تہ احتجاج جو دايرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 26

گندي پاڻي جي نيڪال واري نالين جي ڇهن مهينن کان کاتي نہ ٿيڻ سبب نالين گندگي سان پرجي ويون آهن جنهن سبب نالين جو گندو پاڻي گهرن ۾ داخل ٿيڻ روز جو معمول بڻجي ويو آهي ان کان علاوه صفائي جو عملو بہ پنهنجي من ماني ڪرڻ ۾ مصروف آهي يوسي عمرڏهو سرحد جو سيڪريٽري منثار عرف دلبر مهر بہ شهرين جي دانهن ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي، صفائي ڪندڙ عملي وارا شوڪت، اقبال، پپو ۽ ٻيا صفائي عملي وارا صفائي ڪرڻ جي بجائي صفائي جي نظام کي بہ درهم برهم ڪرڻ ۾ مصروف آهن جن خلاف سياسي سماجي ڌرين پاران احتجاج ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي، شهرين ۽ سياسي سماجي ڌرين پاران ڊي سي گهوٽڪي ۽ ٻين وس وارن کان نوٽيس وٺي سرحد ۾ صفائي سترائي ڪرائڻ جي اپيل ڪئي آهي

بقايا سنڌيار 27

بازي، خبر موجب سرحد شهر سان سيپڪو گهوٽڪي جا ڪلور جاري شهر جي اسٽيشن روڊ جو گذريل ٻن هفتن کان ٽرانسفارمر تبديل نہ ٿي سگهيو پورو اڌ شهر اوندهائي جو شڪار ايس ڊي او گهوٽڪي رمضان ملڪ جا نلها آسرا ڪاروباري ماڻهو پريشاني جو شڪار شهرين جو سرحد پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو چٽي ناري بازي ان موقعي تي شهري محمد اجمل جهگل ٻوهڙ عثمان مغل ياسين ڪمبو عرض محمد مهر محمد حسين اعوان ۽ ٻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ اسٽيشن روڊ جو ٽرانسفارمر گذريل ٻن هفتن کان خراب آهي ۽ پوري مهلي ۾ زندگيءَ متاثر آهي اسان بار بار ايس ڊي او گهوٽڪي محمد رمضان ملڪ کي شڪايت باوجود بہ صرف روز نلها آسرا ڏئي موٽائي تو چڏي شهرين جو وڏيڪ چوڻ هو تہ ڳرا بل موڪلي اوڳاڙي ڪئي پئي وڃي پر هفتن کان سڙيل ٽرانسفارمر آهي ۽ ايس ڊي او ڪن لاٿار ڪري ٿو هنن سيپڪو گهوٽڪي کان مطالبو ڪيو تہ ٻن ڏينهن اندر شهر جو ٽرانسفارمر نهرائي ڏنو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 28

مصطفي ڏاهري احسان علي جمالي ڊاڪٽر الابخش مهر ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي اسڪول جي گلن جهڙا ٻارڙن اجرڪ ۽ ٽوپيون پائي پنهنجي عظيم ڌرتيءَ سان محبت جو وچن ورجائڻ لاءِ پهتا هن قومي عيد جي موقعي تي اسڪولي شاگردن سميت سنڌن والدين استادن پڻ ڀرپور نموني شرڪت ڪئي شاگردن پاران پنهنجي استادن کي اجرڪ جا تحفا ڏنا ويا جڏهن تہ تقريب ۾ شريڪ ٻارن کي خطاب ڪندي چيو تہ سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت دنيا ۾ منفرد مقام رکي ٿي سنڌ جي مهمانوازي: اجرڪ ۽ ٽوپي نمايان حيثيت رکن ٿا سنڌ جو هر ماڻهو پنهنجي ثقافت سان بيحد پيار ڪري ٿو اسان کي گهرجي تہ پنهنجي ثقافت: ٻولي ۽ ڌرتيءَ جو ڀرم رکڻ لاءِ تمام ڳهٽي محنت ڪري اعلي تعليم حاصل ڪري سنڌ جو سموري دنيا ۾ نالو روشن ڪرڻ گهرجي ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان ڪوئايل تقريب ۾ شريڪ اسڪولي شاگردن ۽ شاگرديائين سنڌ ڌرتي کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ تقريرون ۽ قومي گيتن تي ٽيبلوز پيش ڪيا جنهن کان پوءِ ٽيبلوز پيش ڪندڙ شاگردن ۽شاگرديائين ۾ انعام ورهايا ويا

بقايا سنڌيار 29

10 واهن ٻمبلي واھ ماڪائي مائينر. لٽ مائينر. بخاري مائينر. گاجي مائينر. امام واھ ڪنڊيرواھ مبارڪپور مائينر. مسوواھ سميت مختلف واهن ۾ پاڻي جو بحران شدت اختيار ڪري ويو آهي رڳو گذريل هڪ مهيني اندر رڳو بہ ڏينهن پاڻي ڇوڙ ڪيو ويو جيڪو بہ پاڻي تمام ٿوري مقدار هو جنهن سوين ايڪڙن تي ڪٽڪ. تور. فصل پوکائي نہ ٿي سگهي آهي. اڪثر علائقن ۾ پاڻي جي کوٽ برقرار آهي جنهن ڪري پوکائي متاثر ٿيڻ ڪري آبادگارن ۽ هارين ڪنگال ٿي وئي. معاشي طور ڪنگال بڻيل هارين ۽آبادگارن جي ڪو بہ آبپاشي انجنيئر ميرپورماٿيلو سيڊا ڊائريڪٽر. ايس ڊي او آبپاشي ۽ چونڊيل نمائندن واهر ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. جنهن ڪري آبادگارن ۽هارين کي سنڌس فصل جو پاڻي فراهم نہ ڪرڻ اڪثر سرنڌي وارن آبادگارن پاڻي جر مان بور ڪرائي ڇڏيو جنهن ڊيزل ۽ پيٽرول مهانگائي اگهہ خريد ڪري پنهنجي ٻنين کي پاڻي ڏيڻ تي مجبور آهن. آبادگار اڳواڻن. مولوي عبدالغفور گڏاڻي. حاجن مهر. اميد علي سيال. ٻين آبپاشي کاتي جي صوبائي وزير ۽ ٻين اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ 12 مهينو هجن جي باوجود پاڻي نہ پهچڻ ڪري ڪٽڪ فصل پوکائي نہ ٿي سگهي آهي. هنن چيو تہ اسان جون زمينون بنجر بڻيل آهن. فوري طور تي نوٽيس وٺي واهن ۾ پاڻي ڇوڙ ڪيو وڃي تہ جيئن آبادگارن ۽ هارين کي معاشي ڪنگال کان بچايو وڃي

بقايا سنڌيار 30

ملير جي اڳواڻ يعقوب خاصخلي رمضان خاصخلي ۽ علايقي جي معززن سياسي سماجي اڳواڻن هٿن بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي ملير انتظاميہ خلاف سخت نعريبازي ڪندي احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪندي هنن چيو تہ پل نہ هيڻ ڪري روز ڪيترا ماڻهو فرجي وجن ٿا قرن جي وارداتن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي ڪيترايي نوجوان موت جو شڪار ٿي ويا چونڊيل نماييدن ملير کي برٻادي کان سواءِ ڪجھ بہ ناهي ڏنو ملير تعليم ترقياتي ڪمن صحت جهڙن بنيادي سهولتن کان محروم آهي ۽ روز بروز گڏاپ جي علايقن چورين ۽ قرن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي هنن مطالبو ڪيو آهي تہ اگر اسان جا بنيادي مسيلا حل نہ ٿيا تہ احتجاج جو دايرو واڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 31

۽ صحافين جي وڏي تعداد م شرڪت ڪئي سيد اعجاز علي شاھ کي پڳ جويهريون ور سنڌس چاچو سيد وزير شاھ ڏنو ٻيو ورمامون سيد شهنشاھ سردار جام تماچي انڙ نظير احمد جتوئي سيد زين شاھ ايم پي اي سردار خان محمد ڏاهري شهاب دين شاھ سيد گلاب شاھ سيد شاھ زين شاھ ايڪس ايم پي سيد فصيح احمد شاھ سردار عبداللطيف ڪلوئي سيد ٻوڊل شاھ پير اسد علي شاھ جيلاني سيد شاھ محمد شاھ لڪي شاھ صدر حاجي رمضان لاڪو الله بخش پنڊ جام نوروز خان انڙ پير ظاهر شاھ علي حسن بروهي نور احمد نظاماڻي جاويد علي سيد عقل شاھ هالائي سيد انور علي شاھ سيد مظهر شاھ سيد ڪامل شاھ غلام حسين چانڊيو سيد اظهر علي شاھ سيد اسد علي شاھ علي اڪبر لاڪو سيد عاصم شاھ دين محمد ڪوسو بهار خان مري فقير علي نواز خاصخيلي سيد عابد علي شاھ سردار غلام نبي مري برڪت علي راهو حاجي اڪرم خان سيد منير شاھ چوڌري عارف رئيس ڪامل خان جتوئي سميت برادري جي ماڻهون پڳ جا ور ڏنا آخرم نگر تقسيم ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 32

.اجلاس ۾ تنظيم سازي بابت بہ غور ويچار ڪيو ويو.ان موقعي تي ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو ، اعجاز احمد لغاري، نثار محمد مراد پتو ۽ ٻين اڳواڻن اجلاس کي خطاب ڪندي چيو تہ شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو عوام خاطر شهادت ماڻي، اڄ سنڌس شهادت کي 15 سال گذري چڪا آهن. پر ايئن پيو محسوس ٿئي تہ ظالمن اسان جي قائد محترمہ بينظير ڀٽو کي اڄ شهيد ڪيو آهي. شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو کي خبر هئي تہ ڪيس شهيد ڪرڻ جون سازشون ڪيون پيون وڃن پر بهادر پيءُ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي بهادر نياڻي شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو عوام جي حقن جي حاصلات جي جدوجهد ڪندي شهادت کي ترجيح ڏني. سنڌس ورسي جي ڏينهن ضلعي لاڙڪاڻي جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هزارين جيالا ڳڙهي خدا بخش ڀٽو پهچي شهيد قائدين کي خراج عقيدت پيش ڪندا. اجلاس ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي لاڙڪاڻي جي جنرل سيڪريٽري اعجاز احمد لغاري ، سينئر نائب صدر نثار محمد مراد ڀٽو ، انفارميشن سيڪريٽري عمران حسن جتوئي ، ليڊيز ونگ ضلعي لاڙڪاڻي جي صدر، ايم اين اي آپا نصيبان چنہ ، ضلعي لاڙڪاڻي جو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري محمد محسن مشوري ، فدا حسين فلپوٽو. ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري منصور علي سومرو، ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري آفتاب ظفر سيال. فنانس سيڪريٽري اعجاز علي شيخ، رڪارڊ ايونٽ سيڪريٽري ڊاڪٽر سڪندر علي لاکو. تعلقي لاڙڪاڻي جو صدر اسدالله ڀٽو. تعلقہ رتوديرو جي صدر لالا نظر محمد پناڻ.تعلقي ڏوڪري جوصدر منير احمد سوهو. ستي باڊهہ جو صدر ڊاڪٽر منير احمد شيخ. ستي نئون ديرو جو صدر سيد ارشد شاھ راشدي. جنرل سيڪريٽري محمد انور پرڙو. تعلقي باقراڻي جو جنرل سيڪريٽري عبدالرحمان جتوئي، تعلقہ رتوديرو جو جنرل سيڪريٽري زاهد حسين جلباڻي، تعلقي ڏوڪري جو جنرل سيڪريٽري سردار علي ڏنو خان گاڏهي. تعلقي لاڙڪاڻي جو جنرل سيڪريٽري الطاف حسين شيخ، تعلقي ڏوڪري جو انفارميشن سيڪريٽري محمد جمن ٻگهيو، ستي نئون ديرو جو انفارميشن سيڪريٽري سرفراز علي ميراڻي، ليبربيرو صوبہ سنڌ جو نائب صدر جاويد حسين منگي، ڊاڪٽر فورم صوبہ سنڌ جو انفارميشن سيڪريٽري ڊاڪٽر افضل حسين ابڙو، ضلعي لاڙڪاڻي جو صدر ڊاڪٽر شوڪت علي ابڙو. يوٿ ونگ ضلعي لاڙڪاڻي جو صدر عمران علي سينار. سپاف ضلعي لاڙڪاڻي جو صدر عبدالرحمان موريو. هاري ڪاميٽي ضلعي لاڙڪاڻي جو صدر محمد ايوب چاچڙ، ليڊيز ونگ ضلعي لاڙڪاڻي جي جنرل سيڪريٽري رشيده مغيري، انفارميشن سيڪريٽري فاطمہ ميراڻي. تعلقہ رتوديرو ليڊيز ونگ جي صدر شبانہ ڊومڪي. ليبربيرو ضلعي لاڙڪاڻي جو صدر محمد رفيق سومرو، جنرل انعام علي ابڙو، انفارميشن سيڪريٽري ارشاد علي ڀٽو. سپاف ضلعي لاڙڪاڻي جو انفارميشن سيڪريٽري شفقت ذوالفقار چنہ. انجنيئر فورم اڳواڻ قمر الدين سانگي سميت ضلعي لاڙڪاڻي جي مختلف تعلقن ۽ سٽيز مان ميمبر ضلع ورڪنگ ڪاميٽي ۽ ذيلي ونگس جي صوبائي وضلعي اڳواڻن شرڪت ڪئي.